بغاوت

خليل جبران

يوسف سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بغاوت

شهيد حفيظ الله چانڊيو لائبريري
Book No. A.112
Date 15/3/91
ڳوٺ بچل چانڊيو دوآبه حيدرآباد

خليل جبران

يوسف سنڌي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1990ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇاپيندڙ:- سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد.
ڇپائيندڙ:- روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
سرڪوليشن مئنيجر:- مغل چانڊيو.
ملهه:- 20/- روپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارپنا

پنهنجي شهيد ڀيڻ سريم جي ناليِ-
جنهن جي ياد نہ وسري سگهندي!

— يوسف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1

☐ شيخ عباس آتر لبنان جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو سندس حڪم غريب ۽ مسڪين ڳوٺاڻن تي ايئن هلندو هو، جيئن بادشاهه جو حڪم رعيت تي هلندو آهي- هن جو گهر ننڍين ننڍين ڪکائين جهوپڙين جي وچ ۾ ائين لڳندو هو، ڄڻ ڪو قدآور راڪاس ڄامڙن جي وچ ۾ ويٺو هجي- هن جي رهڻي ڪهڻي ۾ ايترو فرق هو جيترو هڪ غريب ۽ امير ۾ هوندو آهي- شيخ عباس هنن غريب ۽ ستايل هارين کي جيڪو به حڪم ڏيندو هو، سو ڪو بهانو ڪري نٽائڻ بدران هو هڪدم مڃي وٺندا هئا- جهڙو ڪر سندن عقل جون قوتون حڪم مڃڻ لاءِ اڳيئي تيار ويٺيون هجن- ۽ شيخ جي زبان هنن جي ترجماني ڪري رهي هجي- شيخ عباس جيڪڏهن هنن کان ناراض ٿيندو هو ته هو سزا جي ڀؤ کان ڪنبڻ لڳندا هئا- ۽ هن جي سامهون ائين ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، جيئن ڪڏهن وڻ جا ڇڻيل پن هوا تي هيڏانهن هوڏانهن اڏرڻ لڳندا آهن-

هو جيڪڏهن ڪنهن جي ڳل تي چماٽ هڻندو هو ته مار کائڻ وارو چُپ چاپ ۽ بي جان بڻيو ويٺو هوندو هو- هو ڄڻ ته آسماني مخلوق هُجي جنهن جي اڳيان اک کڻي نهارڻ به ڪفر جي برابر هُجي- پر جيڪڏهن

هو ڪنهن سان ڪڏهن ڪو ڪلي ڳالهائيندو هو ته سڀ چوندا هئا: ”هي نوجوان ته ڏاڍو خوش قسمت آهي، جو شيخ عباس به هن تي مهربان آهي“.

هنن غريبن ۾ شيخ عباس جي پيروي ڪرڻ جو اهو جذبو ۽ سندس ڪٺورتا جو ايتري قدر پئي، اُن ڪري ڪونه هو ته ڪو شيخ عباس طاقتور هو ۽ هو هيٺا هئا. پر اِن جو ڏکڙو پيو به ڪارڻ هو ۽ اهوئي اهم ڪارڻ هو ته هو غريب هئا ۽ شيخ جي هٿ هيٺ هئا. جن زمينن ۾ هو پوک پوکيندا هئا، جن جهوپڙين ۾ هو رهندا هئا، اهي سڀ شيخ عباس جي ملڪيت هئا. جنهن کي اها سموري ملڪيت پنهنجي وڏڙن کان ورثي ۾ ملي هئي. جهڙيءَ طرح هنن غريبن کي محتاجي ۽ بدبختي ورثي ۾ ملي هئي. هو هن جي نظرداري هيٺ زمين کيڙي، ٻج پوکيندا هئا ۽ وري شيخ جي نظرداريءَ هيٺ لابارو ڪندا هئا. پر اِن سموري محنت ڏکن ڏولائن جو اُجورو هنن کي ڇا ملندو هو؟ صرف ٿورا ان داڻا، جيڪي هنن کي بُک کان بچائي نه سگهندا هئا. اُنهن مان گهڻو ڪري ٿورن ڏينهن کان پوءِ اُن ڪٽي لاءِ پيا واجهائيندا هئا. ۽ هڪ دينار يا هڪ سير ڪڻڪ اُڌاري وٺڻ لاءِ شيخ عباس جي پويان آزيون نيزاريون منٿون سوڙون پيا ڪندا هئا. شيخ عباس اُنهن کي وڏي خوشيءَ سان قرض ڏيندو هو — هن کي ٻروڙ هئي ته ايندڙ فصل

هلڪي روشني گم ٿي ويئي، ۽ اونداهه ماڙين اندر چانوٽيون هڻڻ لڳي. برف ڏاڍي زور سان وسڻ لڳي. ۽ هوا برف کي پاڻ سان گهليندي ڏڙندي ڏاڙندي ٽڪري جي اتهائين چوٽيءَ تان هيٺ لهڻ لڳي، جيئن ماڙين جي خالي حصن کي پري ڇڏي. ميدان ۾ بيٺل وڻ برف جي دهشت کان ڪنبڻ لڳا. ۽ زمين انجي قدمن ۾ تڙپڻ لڳي.

هوا جو زور آخرڪار ڏينهن رات وسندڙ برف کي هيٺ ستي ڪري ڇڏيو هو، ايتري قدر جو ميدان، ماڙيون، چوٽيون ۽ رستا اُن ڍڳهي سُفيد پني وانگر ٿي ويا، جنهن تي موت جي ملائڪ ڪُجهه لکي وري ڍاهي ٿي ڇڏيو. برفباري ماڙيءَ جي ڪناري تي پکڙيل ڳوٺن کي هڪ ٻئي کان ڪٽي ڇڏيو. گهرن ۽ جهوپڙين جي درين مان ايندڙ جهڪيون روشنيون لڪي ويون. هارين تي دهشت ڇانئجي ويئي. مال وٿاڻن ۾ چاري جي آهرن جي ويجهو ٿي ويٺو، ڪُتا پنهنجي ٻرن ۾ وڃي لڪيا ۽ زوزات ڪندڙ هوا ڪانسواءِ، جيڪا غارن جي ڪنن ۾ گونجي رهي هئي، باقي ڪجهه به ڪونه پچيو هو. اُن جو ٻوائتو آواز ماڙين جي گهراين مان نڪري، پهاڙن جي بُلند چوٽين سان ٽڪرائجي واپس وريو. ايئن پئي لڳو ڄڻ فطرت پوڙهي سال جي موت تي ڪاوڙيل هجي ۽ جهوپڙين ۾ لڪيل زندگيءَ کان بدلو وٺڻ لاءِ آٿي کڙي ٿي هجي. پارو ۽ سردي هن

جا هٿيار هجن، جن سان ڏوهه دشمن تي حملو ڪري رهي هجي. ان ٻوائتي ۽ سخت سرد ۽ ٻات انڌيري رات ۾ هڪ ٻاويهن سالن جو نوجوان، ان چڙهائيءَ تي چڙهي رهيو هو. جيڪا ٿڌ حيا جي ديول(١) کان شيخ عباس جي ڳوٺ طرف وينديءَ هئي. سيءَ هن جو 'سنڌ سنڌ' سڪائي وڌو هو.... ٻُڪ ۽ ٻؤ هن جا لڱ ڪاڻاري ڇڏيا هئا ۽ هن جي سموري قوت ختم ڪري ڇڏي هئي. برف هن جي ڪارن ڪپڙن کي اڇڙيءَ طرح ڍڪي ڇڏيو هو. جو جڻ ڪيس موت کان اڳ موت جو ذائقو چکائڻ چاهيندي هُجي. هن وڪ اڳتي نه وڌائي ته هوا هن کي پٺتي ڌڪي ٿي ڇڏيو، جڻ هوا نه پئي چاهيو ته هن کي جيئري مخلوق جي گهر ۾ ڏسي. اٽانگو رستو هن جا پير پڪڙي رهيو هو. ۽ چار وکون هاڻي وري ٿاٻڙي ڪري ٿي پيو ۽ وري اٿيو ٿي ۽ مدد لاءِ پڪارڻ لڳو ٿي. سرديءَ سبب هن جو آواز به نه پئي نڪتو ۽ هو سخت ڪوشش ڪانپوءِ مس اٿي ٿي بيٺو. جڻ ڪنهن جنگ ۾ شڪست کاڌل جي حيثيت ۾ جنهن کي

---

(١) هي لبنان جو مشهور ۽ سڀ کان گهڻو مالدار ديول آهي، جنهن جي آمدني هزارين دينار آهي. آن ۾ هزارين پادري رهن ٿا. جن کي "يلد" جي نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو. قذحيا سرياني لفظ آهي. جنهن جي معني آهي "زندگيءَ جي جنت".

ڏک ۽ مايوسيءَ ۾ به اميد جو آخري ڪرڻو نظر ايندو آهي- ٻين لفظن ۾ ته هو جڻ ڪو پٿر هو، جيڪو دريا ۾ ڪري پيو هو ۽ ڇولين ته هن کي هيٺ تهه ۾ ڪڍي ڇڏيون، نوجوان هلندو رهيو.... موت کي پنهنجي پويان لڳائي.... ۽ آخرڪار هن جي همت جواب ڏيئي ويئي، رت رڳن ۾ ڄمي ويو ۽ هو ساٿو ڏي برف تي ڪري پيو.... ۽ ٻڏائتي آواز ۾ رڙيون ڪرڻ لڳو. جيڪا هن جي جسم جي رهيل آخري قوت هئي،.... هيءُ آواز ان خوفزده انسان جو هو جيڪو موت کي سامهون بيٺل ڏسي ڏڄي رهيو هو ۽ ان مايوس مرڻ واري جو هو، جنهن کي اوندهه فنا ڪري رهي هئي ۽ طوفان کيس جهنم جي تري ۾ ڦٽو ڪرڻ لاءِ گهلي رهيو هو-

3

اُن ڳوٺ جي اُتر طرف ٻنين ۾ هڪڙو ننڍڙو ڪکائون گهر هو- جنهن ۾ راحيلم نالي هڪ عورت پنهنجي ڌيءَ مريم سان رهندي هئي، نيرين نيرين اکين، ڳاڙهن ڳاڙهن ڳلن ۽ ڏولائتي جسم واري مريم جي عمر اٽڪل ارڙهن سال کن هئي- راحيلم جي مڙس جو نالو سمعان هو، جيڪو پنج سال اڳ جهنگل ۾ مئل حالت ۾ لڌو ويو هو- کيس ڪنهن قتل ڪري ڇڏيو. پر قاتل جي اڄ ڏينهن تائين ڪابه پروڙ ڪانه پئي

هئي- راحيله به ٻين ٻيوهه عورتن وانگر زندگيءَ جا باقي ڏکيا سکيا ڏينهن محنت مزدوري ڪري بسر ڪندي هئي- لاباري جي ڏينهن ۾ هوءَ گهر مان نڪري ٻنين ۾ وڃي ڪڻڪ جا ٻچيل سنگ ميڙي ايندي هئي- سرءُ جي مند ايندي هئي ته باغن ۾ وڃي ڇڻيل ميوو چونڊيندي هئي ۽ سردين ۾ وري چرخو ڪتيندي هئي- يا ڪجهه پئسن، يا سيرسوا جَوَنَ جي عيوض ڪپڙا سبندي هئي- پاڻ سمورو ڪم همت، صبر ۽ ڏيان سان ڪندي هئي.

سندس ڌيءَ مريم نهايت سلڇڻي ۽ سٺاجهي طبيعت جي مالڪ هئي- گهرو ڪم ڪار ۾ هو ماڻس جو هٿ ونڊائيندي هئي.

اِن ٻوائتي ۽ سرد رات راحيله پنهنجي ڌيءَ مريم سان گڏ جهوپڙيءَ ۾ آتشدان جي ڀرسان ويٺي هئي- جنهن جي گرمائش تي سردي غلبو حاصل ڪري چڪي هئي ۽ جنهن دکندڙ ڪوئلي جي رک ۾ دٻائي ڇڏيو هو- هن جي ڀر ۾ هڪ وڏي پٿر تي ڏيئو ٻري رهيو هو، جنهن جي هلڪي روشني اوندهه جي دل ۾ تير وانگر ڪُپي رهي هئي، جنهن جي سڪون جا اولڙا هن غمزده ۽ مفلس عورت لاءِ دعا گهري رهيا هئا-

رات اڌ کان به وڌيڪ گذري چڪي هئي، ٻئي ماءُ ڌيءَ ويٺيون هوا جي زورائن جو گوڙ ٻڌي رهيون هيون- جهوپڙيءَ هر هر اڏي نِنڊڙي دري کولي ٻاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پکڙيل اوندهہ ۾ ڪجهہ ڏسڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ۽ ڊڄيو وري دري بند ڪري موٽي اچي پنهنجي جڳهہ تي ٿي ويٺي- اوچتو هوا چرڪ ڀري آئي، جهڙوڪر گهري ننڊ مان ڪو ڀوائتو سپنو ڏسي جاڳي پئي هجي. هن ماڻس ڏانهن ڪنڌ ورائي ڏٺو ۽ گهٻرائجي ڇهيڙي آواز ۾ چيائين:

”امان! ٻڌڻ، جهڙوڪر ڪو ماڻهو سڏي رهيو آهي.“

ماڻس ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ گهڙي کن لاءِ ڪن ڏيئي ڏيان سان ڪجهہ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ چيائين:

”نہ ڌيءَ! سوڪي تہ هوا جي زوزات کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي.“

ڇوڪريءَ وراڻيو:

”مون اڄان هيٺ ئي هڪ ٻيو آواز ٻڌو آهي، جيڪو هوا جي زوزات کان بہ گهٽو تکو ۽ طوفان جي گوڙ کان بہ وڌيڪ سخت آهي.“

آهو چئي هوءَ اٿي ۽ دري کولي گهڙي کن کن لائي ڪجهہ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ چيائين:

”امڙ! مونکي وري بہ آهو آواز ٻڌڻ ۾ آيو آهي.“

ماڻس بي چين ٿي دريءَ ڏانهن وڌي ۽ چوڻ لڳي،

”ها! هاڻ مون بہ ٻڌو آهي.... اچ دروازو نہ ٿي ڏسون، دري بند ڪري ڇڏ، متان ڏيئو نہ وسامي وڃي.“

اهو چئي هن هڪ ڳري چادر اوڍي ۽ دروازو کولي همت ۽ احتياط سان ٻاهر نڪتي. مريم دروازي تي بيهي رهي، هوا جون لهرون هن جي وارن سان کيڏڻ لڳيون.

راحيله برف ڪري پيرن هيٺان ڏڪيندي ڪجهه وکون اڳيان وڌي جو بيهي زور سان چوڻ لڳي، ”هي ڪير پيو رڙيون ڪري؟ .... ڪٿي آهي، مدد لاءِ سڏڻ وارو.“

ڪنهن به جواب ڪونه ڏنو، هن ٻه ٽي دفعا وري به ساڳيا لفظ چيا، پر هوا جي شور ڪان سواءِ ٻي ڪا به ورندي ڪانه مليس ته هوا جي تيز ۽ سخت ٿڦڙن کان پنهنجو چهرو بچائيندي. هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي ۽ دل ٻڌي اڳتي وڌڻ لڳي. راحيله تير وانگر تکي هلڻ لڳي. هن برف تي ڪنهن جي پيرن جا نشان ڏٺا ۽ پڪ ٿيس ته مٿان هوا انهن کي ڊاهي نه ڇڏي، سو انهن پيرن جي نشانن جي ڪڍ تکي هلڻ لڳي. انتظار ۽ خوف جي عالم ۾ هوءَ نهايت احتياط سان پيرن جي نشانن سان گڏ هلڻ لڳي. ٿورو پرڀرو وڃي هن ڏٺو ته هڪ جسم برف تي اٿين پيو هو، جنهن سفيد ڪپڙي تي ڪاري چتي لڳل هجي. اهو ڏسي هوءَ اڳيان وڌي ۽ اُن وجود تان برف هٽائڻ لڳي..... ۽ هن جي مٿي کي پنهنجي ڳوڏن جو سهارو ڏيئي پنهنجا هٿ هن جي سيني تي رکيائين. اهو ڏسي ته هن جي دل آهستي آهستي

Scanned with CamScanner

تڙڪي رهي آهي هوءَ جهوپڙيءَ ڏانهن سُنهن ڪري زور سان مريم کي سڏڻ لڳي.

"مريم ڌيءَ! جلدي منهنجي مدد لاءِ اچ، مون سڏڻ واري کي ڳولي ورتو آهي."

مريم گهر مان نڪتي، سيءَ ۽ پوءَ کان ڪنبندي ماڻس جي پيرن جا نشان وٺي هلڻ لڳي، جڏهن هوءَ اتي پهتي ۽ هڪ نوجوان کي اتي بي هوش پيل ڏسي هڪ ٿڌي آهه ڀري سڏڪڻ لڳي.

راحيله اجنبيءَ جي ٻنهي بغلن ۾ هٿ وجهندي چيو، "ڊچ نه ڌيءَ! هي جيئرو آهي، هن جون ٽنگون پڪڙ ته هن کي گهر کڻي هلون".

ٻنهي عورتن نوجوان کي کنيو، هوا هنن کي اڳتي وڌڻ کان روڪي رهي هئي ۽ برف هنن جا پير پڪڙي رهي هئي، پر هو هلندائون رهيون. گهر پهچي هنن هن کي آتشدان جي ويجهو لمڻائي ڇڏيو. ماڻس ڌن جا هٿ پير مهٽڻ لڳي ۽ بي سڌ عضون کي گرمائش پهچائڻ لاءِ مالش ڪرڻ لڳي. ۽ ڌيٽس پنهنجا پنل پانچا نپوڙڻ لڳي. ڪجهه دير کانپوءِ هن ۾ زندگيءَ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. ۽ هو چُرڻ پرڻ لڳو... اکيون پٽي هڪ ڊگهو ساهه کنيائين ته جڻ ٻن دُکي عورتن جي دلين ۾ صحت ۽ سلامتيءَ جي اميد پيدا ٿي پئي.

مريم هن قاتل جُتيءَ جا ڪشا کوليا ۽ پُنل جُو

لاهي چوڻ لڳي، ”امان تورو هن جي ڪپڙن کي ته ڏس، پادرين جي ڪپڙن سان ڪيترا نه ملن ٿا.“

راحيله ڪجهه سڪل ڪاٺيون آتشدان ۾ وڌيون ۽ هن ڏانهن ڏنو ۽ حيرت مان چوڻ لڳي. ”پادري ته هنڙي ڀوائتي رات ۾ ديول مان ٻاهر ڪونه نڪرندا آهن. پوءِ هن کي ڪهڙي ڪتيءَ ڪنيو هو جو پنهنجي زندگي خطري ۾ وڌائين.“

اِن تي ڇوڪري پنهنجا ڀوريان شڪ شُبها دور ڪندي چوڻ لڳي. ”امڙ! هن جي ڏاڙهي مُڇ به ڪانهي، پادرين جون گهڻيون مُڇيون ڏاڙهيون هونديون آهن. ماڻس هن نوجوان ڏانهن ڏيان سان نهاريو، مادرانه شفقت هن جي اکين ۾ چلڪڻ لڳي ۽ پوءِ هڪ ٿڌو ساهه کڻندي چيائين، ”ڌيءَ! هن جا پير اگهي ڇڏ، پوءِ پلي پادري هجي يا ڪو ڌوهاري.“

راحيله ڪاٺ جي الماڙي کولي، اُن مان هڪ ننڍي بوتل ڪڍيائين، جيڪا شراب سان ڀريل هئي، هن ٿورڙو شراب هڪ ننڍڙي جي پيالي ۾ وڌو ۽ ڌيڻس کي چوڻ لڳي.

”مريم! ٿورو هن کي سهارو ڏي، آئون هن کي ٿورو شراب پياريان ته، جيئن هن جو بدن ڪجهه گرم ٿئي.“

راحيله پيالو هن جي چپن تي رکيو ۽ شراب جا ڦڙا لڳاتار هن جي نڙيءَ ۾ لهڻ لڳا.

نوجوان پنهنجون وڏيون اکيون پٽيون ۽ ڦيرين نگاهه پنهنجي بچائڻ وارن ڏانهن وڌائين پر غمگين نظر سان، اهڙا نظر ان شخص جي هئي جيڪو موت جي ڇنڊي سان نڪري زندگيءَ جو حصو بڻجي چڪو هو.... صفا نااميديءَ کانپوءِ اميد جي دنيا ۾ موٽي آيو هو.... گهڙي کن لاءِ هن پنهنجو ڪنڌ جهڪايو ۽ ڏڪندڙ چپن سان ڪجهه لفظ چيا:

”خدا اوهان ٻنهي کي برڪت عطا ڪري-“ راحيله هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ مادارانه شفقت سان چيو، ”پٽ ڳالهائي دل جو بار هلڪو نه ڪر خاموش رهه.... اڃان تو ۾ ايتري سگهه ڪانهي.“

مريم چيو، ”ويهاڻي جو سهارو وٺ ۽ سگريٽ جي ويجهو ڏي.“

نوجوان هڪ ٿڌو ساهه کنيو ۽ ويهاڻي جو سهارو ورتو- ٿوري دير کانپوءِ راحيله شراب جو گلاس ڀري هن کي پياريو ۽ ڏيٺس ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳي، ”هڻ جو جنبو سڪڻ لاءِ سگريٽ جي ويجهو ڪري رک.“

مريم جنبو باهه جي ويجهو ڪري رکيو. پوءِ پيار ۽ همدرديءَ سان هن ڏانهن ڏسڻ لڳي، ڄڻ پنهنجي نگاهن جا زهريلا تير هن جي ڪمزور جسم ۾ ٽنبڻ ٿي چاهيائين.

راحيل ۽ مانيون ۽ ماکيءَ سان ڀريل پيالو کڻي آئي جنهن ۾ ٿورو سڪل ميوو به هو، ۽ هن جي پر

۾ ويهي ننڍيا ننڍيا گرهه ڳاهي، هن کي ڪارائڻ لڳي جيئن ماءُ پنهنجي ٻار کي ڪارائيندي آهي ڪائڻ کان واندو ٿي، جڏهن نوجوان پاڻ ۾ ڪجهه قوت محسوس ڪئي ته فرش تي پلٿي ماري ويٺو، هن جي نيري ڇهري تي باهه جي لالاڻ پي پئي. هن جي اکين ۾ جوت هئي، مٿو ڌوڏيندي هوريان چوڻ لڳو، ”رحم ۽ بي رحمي انسان جي اندر ۾ ائين وڙهندا رهن ٿا، جيئن هن طوفاني ۽ اونداهي رات ۾ ٻه مخالف قوتون هڪٻئي خلاف سينو سپر ڪري بيٺيون آهن. آخرڪار رحمدلي، بي رحميءَ تي غالب پئجيو وڃي ٿي، ڇو ته هوءَ خدائي صفت مان آهي ۽ رات جو پڇڙ به صبح ٿيڻ تي ختم ٿيو وڃي.“

نوجوان گهڙي کن لاءِ خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ ڏيڍل آواز ۾ جيڪو ڏکيائيءَ سان ٻڌڻ ۾ ٿي آيو چوڻ لڳو، ”انساني هٿن سونکي موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو ۽ انساني هٿن ئي وري مونکي موت جي منهن مان بچايو. ڪيتري نه سخت آهي انساني سنگدلي ۽ ڪيتري نه بي پناهه آهي ان جي شفقت.“ راحيله اهڙي آواز ۾ چيو جنهن ۾ مادارانه شفقت جي ميناج ۽ محبت شامل هئي، ”پٽ! هيڙي پوائتي رات ۾ تون ديول مان ڪهڙي ڪارڻ ڪري نڪتو آهين جڏهن ته ٻگهڙ به ڊپ کان غارن ۾ لڪي ويا آهن، باز به ٽڪرين جي چوٽين تي وڃي لڪا آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نوجوان پنهنجون اکيون پوري چڱيون نيٺن مان وهندڙ نيرن کي دل جي گهراين ۾ جذب ڪرڻ ٿي چاهيائين، "لومڙين لاءِ ڏڙا آهن، پکين لاءِ آکيرا آهن، پر آدم جي اولاد لاءِ مٿو لڪائڻ لاءِ ڪو به ٽڪاڻو ڪونهي."

راحيله وراڻيو، "اها ئي ڳالهه يسوع مسيح پنهنجي باري ۾ چئي هئي، جڏهن سندس هڪڙي ساٿيءَ هر حالت ۾ ساڻس گڏ رهڻ جي موڪل گهري هئي."

نوجوان ورندي ڏني، "اها ڳالهه هر اهو شخص چوندو، جيڪو هن ڪوڙي ۽ پاپي سنسار ۾ حق ۽ انصاف جي پيروي ڪرڻ چاهيندو."

راحيله خاموش ٿي ويئي ۽ انهن لفظن جو مطلب سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ ڏکويل لهجي ۾ چيائين، "پر ديول ۾ ته وڏا وڏا ڪمرا هوندا آهن، سون ۽ چانديءَ جا خزانا، ان سان ڀريل گودام، مڌ (شراب) سان ڀريل مٽ، ڍاهيون متاريون رڍون، چوپائي مال جا وڻاڻ، پوءِ اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن جي ڪري اهي سڀ شيون ڇڏي هڙي پوانتي رات ۾ تون ديول مان نڪتو آهين؟"

نوجوان ٿڌو ساهه کڻندي چيو، "آءٌ انهن سڀني کي تياڳي ديول مان نڪري آيو آهيان."

راحيله چيو، "راهب جي ديول ۾ اها حيثيت آهي جيڪا جنگ جي ميدان ۾ سپاهيءَ جي هوندي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان جو سردار ڪيس پلي ڪيترو به گهٽ وڌ ڇو نه ڳالهائي هو ڪنڌ نوائي ٻڌندو هوندو ۽ ڪيس جيڪو به حڪم ملندو آهي، ان جي هڪدم تعميل ڪندو آهي پر مون ته اهو به ٻڌو آهي ته ڪو به شخص تيستائين راهب ٿي نٿو سگهي، جيستائين هو پنهنجي نفسياتي خواهشن کي نٿو ماري ۽ اهو به ٻڌو اٿم ته بشپ (وڏو پادري) پنهنجي ماتحتن کان اهڙو ڪو به ڪم ڪونه وٺندو آهي، جيڪو انهن جي پهچ کان ٻاهر هجي. پوءِ ڪڏهن به بشپ توکي اهو حڪم ڪيئن ڏنو ته پنهنجي زندگي طوفان ۽ برفباريءَ جي نذر ڪري ڇڏ؟"

نوجوان ورندي ڏني، "ڪو به شخص تيستائين راهب ٿي نٿو سگهي جيستائين هو پاڻ ۾ اندي ۽ ٻوڙي جا گڻ پيدا نٿو ڪري، جنهن ۾ نه ٻڌڻ جي سگهه هجي نه ڳالهائڻ جي.... ان کي جيڪو به حڪم ڏنو وڃي سو سواءِ ڪنهن اعتراض جي ڪجي وٺي.... ۽ آءٌ ديول مان ان ڪري نڪتو آهيان ته جيئن انڌو، ٻوڙو ۽ بي زبان نه ٿيان، پر ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارو انسان ٿيان."

راحلہ ۽ مريم ڏيان سان هن جون ڳالهيون ٻڌي رهيون هيون ۽ هن جي منهن ۾ نهاري رهيون هيون، ڇڻ هنن هن جي منهن تي ڪو ڳجهو راز لکيل ڏٺو هجي، جنهن کي هن هر حال ۾ لڪائڻ ٿي چاهيو، ٿوري دير ڪانپوءِ راحلہ حيران ٿيندي پڇيو، "ڇا ڪو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارو انسان ههڙي ڀوائتي رات ۾ نڪري سگهي

ڏي، جيڪا اڪين ڪان انڌو ۽ ڪنن ڪان ٻوڙو ڪريو ڇڏي؟"
نوجوان ٿڌو ساهہ کنيو ۽ ڪنڌ جهڪائيندي چيو، "مونکي ديول مان ڪڍيو ويو آهي." راحلہ ڪنبندي پڇيو، ڇا .... ڪڍيو ويو آهي،" ۽ اهڙا لفظ مريم بہ ڇيا.
نوجوان ڪنڌ مٿي کنيو، پنهنجي اکيان حقيقت ظاهر ڪيڻ تي، هن کي اهو ڊپ هو تہ متان هن جي حال تي هنن جي مهرباني، نفرت ۽ حقارت ۾ نہ بدلجي وڃي. پر هن ڏٺو تہ هنن جي اکين ۾ مهرباني ۽ پيار جو درياهہ ڇوليون هڻي رهيو هو. گهٽيل آواز ۾ چيو، "ها! مون کي ڪڍيو ويو آهي ان لاءِ تہ منهنجي دل ڪوڙ ۽ مڪر کان بيزار ٿي چڪي هئي، ان لاءِ تہ منهنجو نفس فقيرن ۽ مسڪينن جي مال مان عيش ڪرڻ کان بيزار ٿي چڪو هو، ان لاءِ تہ منهنجو روح جهالت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل قومن جي خيرات کي پنهنجي خوشيءَ خاطر خرچ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو.... مون کي ديول مان ڪڍيو ويو ان تہ منهنجو جسم انهن آرام ڏهہ ڪمرن ۾ راحت ماڻي نہ سگهيو جنهن کي جهوپڙين ۾ رهڻ وارن تعمير ڪيو هو، ان لاءِ تہ منهنجي زبان مان ان دعا ان فقط لفظ نہ نڪتا جيڪا بشپ چند روپين جي عيوض وڪڻندو هو.... مونکي ديول مان ناپاڪ پٿر وانگر ڌڪي ڪڍيو ويو، ڇاڪاڻ تہ آءٌ راهبن ۽ پادرين کي ان مقدس ڪتاب جون آيتون پڙهي

پڏائيندو هئس، جنهن هنن کي راهب ۽ پادري بنايو آهي.“

نوجوان خاموش ٿي ويو. راحيلم ۽ مريم کيس ڏسنديون رهيون، هو هن جي ڳالهين تي ڏاڍيون حيران هيون. هنن جون نگاهون هن جي سهڻي ۽ حيرت انگيز چهري تي ڄميل هيون، هنن هتر هڪٻئي ڏانهن ٿي ڏٺو، ڄڻ زبان جي استعمال ڪرڻ کانسواءِ ان اڻوکي ڪارڻ بابت هڪٻئي جا خيال معلوم ڪنديون هجن.... انهن ڪارڻن بابت جنهنجي ڪري هي جوان هنن وٽ پهتو هو. آخرڪار ماٽس جي دل ۾ وڏيڪ ڪجهه ڄاڻڻ لاءِ شوق ڪافي حد تائين وڌي ويو ۽ هن پيار ڀرين نگاهن سان هن ڏانهن ڏسندي چيو، ”پٽ! تنهنجا ماءُ پيءُ ڪٿي آهن .... اهي جيئرا به آهن يا ....؟“

نوجوان ورندي ڏني، پر سخت صدمي ڪارڻ لفظ هن جي نڙيءَ مان اٽڪي ٿي نڪتا، ”منهنجو هاڻ نه ڪو سِڱ آهي نه سائٽ، نه ماءُ اٿم نه وري پيءُ نه ئي وري وطن اٿم.“

راحيلم متاثر ٿي هڪ ٿڌو ساهه کنيو ۽ مريم پنهنجن انهن گرم لڙڪن کي لڪائڻ خاطر، جيڪي هاڻ هن جي ڳلن تي پهچڻ ڇڪا هئا، پنهنجو منهن ٻي طرف ڪري ڇڏيو، نوجوان ٻنهي ڏانهن ڏٺو. جهڙي طرح هارايل پنهنجي بچائڻ واري کي ڏسندو آهي، هن جو روح احساس جي شدت کان تڙپڻ لڳو جهڙي طرح ٽڪرين تي جهومندڙ گل ان وقت تڙي پون ٿا، جڏهن سحر جي

ديوي هنن جي دلين تي ماڪ جا ڦڙا اڇليندي آهي-
هن ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ چيو، "اڄان سٺن ورهين جو
ٻہ ڪونم ٿيو هئس، تہ ماءُ پيءُ فوت ٿي ويم، آءٌ جنهن
ڳوٺ ۾ ڄائو هئس ان ڳوٺ جي هڪ شخص مون کي
قدحيا جي ديول جي حوالي ڪيو. راهب ڏاڍا سٺرها
ٿيا ۽ مون کي ديول جي مال جو ڌراڙ مقرر ڪيائون.
جڏهن آءٌ پندرهن ورهين جو ٿيس تہ انهن مون کي
هي ڪارو ٿلهو جُبو پائڻ لاءِ ڏنو ۽ قربان گاهہ جي
سامهون وٺي چيائون، "الله جہ ۽ ان جي جاهہ جلال جو
قسم کڻي اقرار ڪر تہ سدائين مفلسي، اطاعت ۽ پاڪبازيءَ
جي زندگي گذاريندس." مون هنن جا چيل لفظ
ساڳئي نموني ورجايا، ان کان اڳ جو انهن لفظن
جي معنيٰ ۽ مفهوم کان واقف ٿيان، مفلسي، اطاعت ۽
پاڪبازيءَ کي حقيقت سمجهان ان ڪٺن ۽ سخت رستي
کي ڏسان جنهن تي هنن مون کي هلائڻ چاهيو ٿي،
هنن منهنجو نالو خليل رکيو ۽ پوءِ سڀ راهب مون
کي "ڀاءُ مبارڪ" سڏڻ لڳا پر هنن ڪڏهن بہ مون
سان ڀائراڻو سلوڪ نہ ڪيو- هو مزي سان ڀڳل ڪڪڙ،
قورما، پلاءُ ۽ چاشنيون وغيره کائيندا هئا، پر مونکي
پاروٿي ۽ بدبودار ماني کائڻ لاءِ ڏيندا هئا، پاڻ خوشبودار
شرابن سان مزو ماڻيندا هئا پر مونکي فقط سادو پاڻي
پيئڻ لاءِ ڏيندا هئا، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن منهنجي
نيڻن مان وهندڙ نير بہ شامل ٿي ويندا هئا... هو پاڻ

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com   Scanned with CamScanner

نرم گاديلن ۽ پلنگن تي سمهندا هئا، پر مون کي مرن جي واڙي جي پرسان هڪ پراڻي ۽ اونداهي ڪمري ۾ سمهاريندا هئا، آءٌ گهٽو ڪري سوچندو رهندو هئس ته آخرڪار آءٌ ڪڏهن راهب ٿيندس، جو هنن خوشنصيبن جي خوشين ۾ شامل ٿيندس ۽ انهن عيشن ۽ آرامن ۾ حصو وٺي سگهندس، منهنجي دل انهن خوشبودار طعامن کان محروم نه رهي، شراب جون رنگين منهنجي دل نه ساڙين ۽ بشپ جي آواز کان منهنجو روح نه ڪنبي، پر منهنجون سموريون خواهشون، منهنجا سمورا سپنا اڌورا رهجي ويا، آءٌ لڳاتار جهنگ ۾ مال چاريندو رهيس ۽ ڳرا ڳرا پٿر ڍوئيندو رهيس ۽ پنهنجي هٿن سان زمين کوٽيندو رهيس .... آءٌ اهو سڀڪجهه ماني جي ٽڪر خاطر ڪندو هئس، هڪ اونداهي ٽڪاڻي لاءِ ڇو ته مون کي اها پروڙ ڪانه هئي ته ديول ڪانسواءِ بي به ڪا جڳهه آهي، جتي آءٌ رهي سگهان ٿو. راهبن پنهنجي زندگيءَ ڪانسواءِ هر شيءِ کي ڪفر ٿي ٻڌايو ۽ مونکي اطاعت لائق ٻڌايو هئائون، ڇو جو آءٌ سمجهندو هئس ته هي سڄو سنسار غم ۽ بدبختيءَ جو مها ساگر آهي ۽ ديول سک ۽ سلامتيءَ جو ساحل آهي."

خليل سنئون ٿي ويٺو، هن جي مرجهايل ڇهري تي پاڇهه جون ريکائون نظر اچڻ لڳيون، هو اهڙيطرح ڏسڻ لڳو، ڄڻ جهوپڙيءَ ۾ ڪا حسين شيءِ هن جي سامهون بيٺي هجي، پر راحيلہ ۽ مريم اڃان ويٺيون، هن کي

گهوري رهيو هيون، ڪن پل رکي هن وري چوڻ شروع ڪيو: ”قدرت الاهي جنهن سون ڪان منهنجا والدين کسي ورتا ۽ مون کي يتيم ۽ ڇورو ڪري ديول سوڪليو هو.... هاڻي ان قدرت جي اها تقاضا نه رهي هئي ته آءٌ سڄي ڄمار ان انڌي وانگر گذاري ڇڏيان، جيڪو خطرناڪ راهن تي هلي رهيو هجي، الله اهو گوارا نه ڪيو ته حياتيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين هڪ چمڪندڙ روشنيءَ مون کي ڏيکاري ڏيڻ لڳي ۽ حقيقت جو آواز منهنجي ڪنن ۾ پوڻ لڳي ويو.“

خليل ڪجهه دير ترسيو ۽ چوڻ لڳو، منهنجي بدن ۾ همت پيدا ٿي، هڪ جولان جاڳيو، آءٌ راهبن وٽ پهچي ويس جيڪي ديول جي باغيچي ۾ ڏهو ڪيل پکيڙن وانگر اوگرايون ڏيئي رهيا هئا، آءٌ پنهنجا خيال انهن جي سامهون بيان ڪرڻ لڳس ۽ مقدس ڪتاب مان اهي آيتون پڙهڻ لڳس، جن مان هنن جي گمراهيءَ جو اظهار ٿيو ٿي، مون هنن کي چيو، ”اسين هن هيڪلائيءَ ۾ پنهنجي حياتي فقيرن ۽ مسڪينن جي ڏنل خيرات تي ڇو گذاريون؟ هنن جي لڙڪن ۽ ڏرڙ جي پگهر مان گهوهيل آٽي جون مانيون مزي سان ويهي ڪائون؟ انهن ڪان ڪتسيل زمين جي اناج مان عيش ڇو ڪريون؟ اسين ائين سست ۽ بيڪار بڻجي جيئرا ڇو رهون؟ انهن قبيلن ڪان ڇو پري ٿي ويهون جيڪي معرفت جا محتاج آهن؟ ملڪ کي پنهنجي نفس جي

طاقت ۽ ڀانهن جي سگهه کان ڇو محروم رکون؟ يسوع مسيح اسان کي بگهڙن ۾ بگهڙ بنائي موڪليو هو، پوءِ اهڙا ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن انسان کي رڃ ٻڌائي ڇڏيو آهي؟ اسين انسانن کان الڳ تلڳ ڇو ٿا رهون، جڏهن ته خدا اسان کي انسان بڻايو آهي، جيڪڏهن اسين انهن کان اُتم آهيون ته هو اسانجو فرض آهي ته انهن وٽ وڃي انهن کي تعليم ڏيون، جيڪڏهن هو اسان کان اُتم آهن ته انهن منجهه رلي ملي ڪانئن تعليم پرايون! حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته اسين محتاجيءَ کان ڊڄون ٿا ۽ اسرن وانگر زندگي گذاريون ٿا، اطاعت کان ڀڄون ٿا، پاڪدامنيءَ کان ٻڇون ٿا، اسان جون دليون نفسياتي خواهشن سان ڀريل آهن، اسين پنهنجي حسن تي جبر ڪريون ٿا، پر حقيقت ۾ پنهنجي روح کي ڪچليون ٿا، اسين پاڻ کي دنيا وارن کان مٿاهون ظاهر ڪريون ٿا پر اصل ۾ ميني کان هيچ آهيون اچو! اسين ديول جون هڙئي زمينون مسڪينن ۽ محتاجن کي موٽائي ڏيون ۽ مموري مايا سان انهن جا کيسا ڀري ڇڏيون، جيڪا اسان انهن کان حاصل ڪئي آهي، اچو! اسان ملڪ جي هر حصي ۾ ننڍي پڪڙي وڃون جيئن پکين جا ولر ههڪڻي کان ڌار ٿي ويندا آهن ۽ انهن هيٺين قبيلن جون خدمتون ڪريون، جن جي خيرات تي اسين پلجون ٿا. ان بدقسمت قوم کي سج جي روشنيءَ لاءِ مرڪڻ سيکاريون، آسماني نعمتن، زندگي ۽ آزاديءَ

جي اهميت کان ڪين واقف ڪريون، جيڪا نصرانيت جي صحيح پيروي آهي، اهي تڪليفون ۽ ڏک جيڪي انسانن ۾ رهي، اسان کي پلئه پوندا سي، هن عيش ۽ آرام جي زندگيءَ کان وڌيڪ لذت ڀريا هوندا، ان مهربانيءَ ۽ همدرديءَ، جنهن سان اسان کنهن عزيز جي دل پنهنجن هٿن ۾ کڻنداسين، سا هن فضيلت کان مٿاهين هوندي، جيڪا ديول جي ڪنڊن ۾ لڪيل آهي. سک ۽ شانتيءَ جو اهو ڪلمون، جيڪو اسان کنهن هيٺي ڏوهاريءَ ۽ ڏکويل کي چونداسين سو هنن ڏگهين نمازن کان به مقدس هوندو، جيڪي اسين ديول ۾ هتر هتر پڙهون ٿا." اهو چئي خليل ساهي کڻڻ لاءِ گهڙي کن لاءِ رڪيو پوءِ راحيلم ۽ مريم ڏانهن نسڻ لڳو ۽ پرسڪون لهجي ۾ چيائين، "اهي ۽ ان سان ملندڙ جلندڙ ڳالهيون آءٌ راهبن جي اڳيان بيان ڪري رهيو هئس ۽ هو ٻڌي رهيا هئا، حيرت جون ريکائون هنن جي چهرن تي ظاهر هيون، هنن کي يقين نه پي آيو ته مون جهڙو نوجوان انهن جي سامهون ٻيهي اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو. ايستائين جو آءٌ خاموش ٿي ويس ته انهن مان هڪ راهب آڏيو ۽ منهنجي ويجهو اچي ڏند ڪرٽيندي چوڻ لڳو، "اڙي ڪميڻا! تنهنجي ايتري همت جو اسان جي سامهون اهڙي قسم جون ڳالهيون ٿو ڪرين."

پوءِ ٻيو آيو، جنهن نوڪ واري لهجي ۾ چيو، "ڇا؟ تون اها حڪمت رڏن ۽ ٻڪرين کان سکي آهين، جن

سان گڏ تو عمر گذاري آهي-" آخر ۾ هڪ ٻيو آيو جنهن چيو، "ڪمينا سرڪش! ڏسج ته توسان ڪهڙو نه سلوڪ ڪريون-"

پوءِ هو آنان ائين ڀڄڻ لڳا، جيئن ڪو چڱو ڀلو شخص ڪوڙه جي مريض کان دور ڀڄندو آهي، انهن مان ڪي بشپ (وڏو پادري) ڏانهن ويا ۽ ان کي دانهن ڏنائون- سچ لهڻ کانپوءِ بشپ مون کي گهرايو ۽ مختيءَ سان گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان پوءِ راهبن کي حڪم ڏنائين ته مون کي ڪوڙا لڳايا وڃن، هنن مون کي ايترا ته ڪوڙا هنيا جو منهنجو سڄو سڄو سور ٿيڻ لڳو. جڏهن هنن ڪوڙا لڳائي ورتا ته هنن مونکي سڄو هڪ مهينو قيد جي سزا ڏاي، راهب خوش ٿيندا ٽهڪڙا ڏيندا، مون کي هڪ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويا.... هڪ مهيني تائين آءٌ ان ۾ قيد رهيس، ان حالت ۾ مونکي سهائيءَ کان محروم رکيو ويو- ڪيڙن ماڪوڙن جي هلڻ کانسواءِ مون کي ٻيو ڪجهه ۾ محسوس نه ٿيندو هو- مٽيءَ کان سواءِ ڪا ٻه ٻي شيءِ ڇهڻ لاءِ وڄهي ڪانه هئي- خبر ڪونه پوندي هيم ته رات ڪڏهن گذري، سج ڪڏهن مهل اڀريو؟ راهب جي پيرن جي آواز کانسواءِ ڪوبه ٻيو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه ايندو هو، جڏهن ايندو هو سوسڪل ماني ۽ پاڻيءَ جو گلاس رکي ويندو هو- جڏهن آءٌ قيد مان آزاد ٿيس ۽ پادرين منهنجي ڏبري ۽ سڪل جسم کي

ڏٺو، هيڏ جهڙو پيلو چهرو ڏٺائون ته هنن سمجهيو شايد منهنجي ذهن ۾ جيڪي دهرياڻ جا خراب نظريا پيدا ٿيا هئا، سي گهڻي ڀاڱي ختم ٿي چڪا آهن- بلڪ ۽ اڄ جي تڪليف هن جي ڀاوناڻن کي ڪچلي ڇڏيو آهي.

ڏينهن راتين جي نقش قدم تي گذرندا رهيا، آءٌ نويڪلائيءَ جو وقت پنهنجي ذهني قوتن کي انهن شين جي سوچڻ سمجهڻ لاءِ صرف ڪندو هئس، جيڪا راهبن کي نئين راهه ڏيکاري سگهي، پر منهنجي اها سڄي سوچ بيڪار ثابت ٿي، ڇاڪاڻ ته انهن جي اکين تي انڌ جا ڪوپا ڏکي عرصي کان چڙهيل هئا، تن هڪ ٻن ڏينهن ۾ لاهڻ ممڪن نه هو ۽ جڪو جهالت جو شيهو ڳڀرائي هنن جي ڪنن ۾ وجهي ڇڏيو هو، تنهن کي نرم ۽ نازڪ آڱرين ڳڀرائي نٿي سگهيون.

ٿڏا ساهه کڻندي مريم ماڻس ڏانهن ڏٺو، ايئن ٿي لڳو ڄڻ ماڻس کان هن اجنبيءَ سان ڳالهائڻ جي موڪل گهري رهي هجي ۽ پوءِ غمگين نگاهن سان هن خليل ڏانهن ڏٺو ۽ پڇيو، ”ڇا تو راهبن اڳيان وري به اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪيون هيون، جو هنن هڙئي پوائتي رات ۾ توکي ديول مان ڌڪي ڪڍي ڇڏيو جيڪا دشمن کي به مهربانيءَ جو سبق ڏي ٿي؟“

نوجوان ٿڌو ساهه کنيو ۽ هوريان هوريان چوڻ لڳو، ”اڄ شام جو جڏهن طوفان زور ورتو، فضا ۾ به قوتون هڪٻئي خلاف سينو تاڻي بيٺيون ته آءٌ انهن

ڙاهبن ڪان هنن پريان ٿي ويئس جيڪي ٻاهه جي سچ جي چوڌاري ويٺا هڪٻئي سان ڪچ ڪچ ڪري رهيا هئا ۽ آءٌ هڪ پاسي ويهي انجيل مقدس کولي ان جي آيتن تي ويچار ڪرڻ لڳس، جيڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي قدرت جي غضب ۽ سنگدليءَ کان بي ڊپو ڪن ٿيون.
جڏهن راهبن ڏٺو ته آءٌ پريان ڪنڊ ۾ نويڪلو ويٺو آهيان ته منهنجي نويڪلائيءَ کي مذاق جو موضوع بنائي ورتو، انهن مان ٻه چار آٿي اچي منهنجي سامهون ويٺا ۽ اکيون ڇنڀي کلڻ لڳا ۽ مون ڏانهن اشارا ڪري مون تان مذاق اڏائڻ لڳا پر مون هنن جي پرواهه نه ڪئي، ڪتاب بند ڪري دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳس، منهنجي ان بي پرواهيءَ تي هو سخت ڪاوڙ جي پيا ۽ انهن مونڏانهن ڪائڻ واري نظرن سان ڏٺو پر منهنجي مٿ هنن جي ڪاوڙ کي ٿڌو ڪري ڇڏيو، انهن مان هڪ سونکي ٽوڪ هڻندي چيو:
”سرڪار جن ڇا پڙهي رهيا آهن؟“
مون ٽوڪ هڻندڙ ڏانهن نهاريو ٻه ڪوئه ۽ انجيل کولي هڪ آيت وڏي سڏ پڙهڻ لڳس، جنهن ۾ هو انهن ماڻهن کي مخاطب ٿي رهيو هو جيڪي بپتسمه لاءِ اچي رهيا هئا:-
”اي نانگن جا اولاد! جيڪڏهن ڪو توهانکي ايندڙ تباهيءَ کان بچڻ جي تعليم ڏئي ته توهان اهڙا ڪم ڪريو جهڪي توبهه جي لائق هجن ۽ اوهان

پنهنجي دل ۾ اهو به نه سوچيو ته توهان جو پيءُ ابراهيم آهي، آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته الله انهن پٿرن مان به اولاد ابراهيم پيدا ڪرڻ تي قادر آهي، جيڪي رستن تي ايئن پيا لوٽ پوٽ ٿين، هاڻ ته ڪهاڙي وڻ جي پاڙ وٽ رکي ويئي آهي ۽ هر اهو وڻ جيڪو سٺو ڦل نه ڏيندو اهو وڍي باهه ۾ وڌو ويندو“۔

ماڻهن ان کان پڇيو:

”پوءِ ڀلا اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

هن ورندي ڏني، جنهن وٽ ڪپڙا هجن ان کي گهرجي ته جنهن وٽ ڪپڙا نه هجن ان کي ڏيئي ڇڏي ۽ جنهن وٽ ماني هجي ته اهو اها ماني بکايل کي کارائي“۔

جڏهن مون اهي آيتون پڙهيون ته راهب گهڙي ڪن لاءِ خاموش ٿي ويا ڄڻ ڪنهن غيبي قوت هنن جا روح نپوڙي وڌا هجن، پر هو وري اصلوڪي حالت ۾ اچي ويا ۽ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا۔ انهن منجهان هڪڙي چيو، ”اسان اهي آيتون ڪئين ڀيرا پڙهيون آهن ان لاءِ اسان ڪنهن ڏراڙ جا محتاج ڪين آهيون ته هو اسان کي ٻڌائي“.

مون وراڻيو، ”جيڪڏهن اوهان اهي آيتون پڙهيون آهن ته پوءِ هن برف ۾ ڍڪيل ڳوٺ جا رهاڪو سيءَ کان ڇو پيا ڏڪن؟ بک کان ڇو پيا تڙپن؟ ۽ اوهين

هتي ويٺا انهن جي ذنل خيرات تي عيش ڇو پيا ڪريو؟ ۽ انهن جي انگورن جي رس مان گلاس ڀري ڇو پيا پيو؟ انهن جي وهٽن جو گوشت ڇو پيا کائو؟"

اچان اهي لفظ منهنجي زبان مان نڪتائي مس هئا ته هڪ پادريءَ مون کي چماٽ واهي ڪڍي ڇڻ ته جيڪي ڪجهه مون چيو سو سڀ ڇرپائپ ڪانسواءِ پيو ڪجهه به ڪونه هو، پوءِ بي مون کي لتون هڻئي ۽ ٿي چڙي مقدس ڪتاب منهنجي هٿ مان کسي ورتو ۽ چوٽون رڙيون ڪري بشپ کي سڏڻ لڳو، هو تکيون وکون کڻندو آيو ۽ جڏهن پادرين وا تان مرچ مسالا ملايل سڄي ماجرا "ٻڌائين ته ڪاوڙ مان تپي ناسٽي ٿي ويو ۽ بلند آواز ۾ چيائين، "هن بدمعاش سرڪش! کي گرجيءَ مان جهاي ڊيول مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ته جيئن قدرت هن کي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي تعليم ڏئي، هن کي ان ٿڌ ۽ اونداهيءَ ۾ ڌڪي ڇڏيو ته جيئن فطرت جا اصول هن تي خداوند الاهي جي حڪم جي تعميل ڪن- تنهن ڪانپوءِ هن ڪفر جي تباهيءَ کان پنهنجا هٿ ڌوئي ڇڏيا ۽ جي هي وڏي موٽي اچي، روئي پٽي، آزاريون ٻيراريون ڪري، توبه تائب ٿئي ته به ديول جو در نه کولهو، ڇو ته جي نانگ کي پنجري ۾ بند ڪبو ته هو ڪبوتر ڪونه ٿيندو ۽ باغ ۾ ڪيلي جو وڻ پوکي ان مان انجير جي اميد اجائي آهي"-

”اھو ٻُڌي پادرين مون کي ڪٺي سوگھو ڪيو ۽ تنگو ٽالي ڪري ديول کان ٻاھر ڪڍڻو ڪمائون، دروازو بند ڪرڻ کان اڳ، انھن مان ھڪ جڏھن ڪلندي ٽوڪ ھڻندي چيو، ”ڪلھ تائين تون بادشاھ ھئين ۽ ريون، ٻڪريون تو جھڙي شيطان تنھنجي رعيت ھئي، پر ھاڻ اسان توکي معزول ڪري ڇڏيو آھي، ان لاءِ تہ تون حڪومت جو نظام پنھنجي مرضيءَ مطابق ھلائڻ ٿي چاھيو ۽ ھاڻي وڃ ۽ وڃي ٻڪاين ٻگھڙن ۽ آڏندڙ ڪانگن تي حڪومت ڪر ۽ انھن کي ٻُڌاءِ تہ ھو غارن ۽ آکيرن ۾ پنھنجي زندگي ڪيئن گذارين“۔

خليل ھڪ اونھو ساھ کنيو ۽ ڪنڌ ورائي ٻاھر ڪي ڏٺائين، جيڪا چلھ اندر ٻري رھي ھئي، ھڪ اھڙي آواز مان جنھن ۾ مينارج جي باوجود بہ سختي ھئي، ”اھڙي طرح مون کي ديول مان ڌڪي ڪڍيو ويو ۽ پادرين ڏٺي واٽي مون کي موت جي حوالي ڪري ڇڏيو، مجبوراً آءٌ ھاڻ لڳس اھڙي حالت ۾ جڏھن ڪوھيڙو منھنجي نگاھن کي روپوش ڪري رھيو ھو، طوفان جا زوردار جھٽڪا منھنجا ڪپڙا ڇني رھيا ھئا، آسمان وسندڙ برف منھنجا پير پڪڙي رھي ھئي ايتريقدر جو منھنجي قوت جواب ڏيئي ويئي ۽ آءٌ ٿي ستو ٿي برف تي ڪري پيس ۽ ان مايوس انسان وانگر پڪارڻ لڳس، جنھن کي اھو محسوس ٿي رھيو ھو تہ سندس پڪار سواءِ ڏيڇاريندڙ موت ۽ اوندھاھين

غارن جي پيو ڪوبه ڪونه پيو سڻجي، پر برف ۽ طوفان جي پويان، اونداهين ۽ ڪڪرن جي پويان پولار ۾ تارن جي پويان هڪ شڪتي، جنهن جي معرفت ۽ رحمت سان منهنجي پڪار پڳي، هن نه ٿي چاهيو ته آءٌ جيون جا رهيل اسرار سمجهڻ کان اڳ ئي مري وڃان، سو آن مهان شڪتيءَ اوهان پنهي کي منهنجي مدد لاءِ موڪليو، تم جيئن مون کي بدبختيءَ جي گهراين مان ڪڍي اچو“.

نوجوان خاموش ٿي ويو ۽ ٻئي عورتون ڪيس ڏيان، پيار ۽ پاپوهه سان ڏسي رهيون هيون، جن هنن جا روح هن جي ذهني اسرارن کان واقف ٿي ويا هجن ۽ حق ۽ سچ جي شعور ۾ هنن سان شامل ٿي ويون هجن. گهڙي کن ڪانپوءِ راحيلم غير ارادي طور پنهنجو هٿ ڊگهيريو ۽ عزت، احترام سان هن جي هٿ کي چميائين ۽ چيو، ”جنهن جي خدا حق ۽ سچ جي واهه لاءِ چونڊ ڪندو آهي ته پوءِ دنيا جي ڪابه قوت انکي فنا ڪري نٿي سگهي، برفباري ۽ طوفان ۾ به هو محفوظ رهي ٿو“. مريم سرهات ڪندي چيو، ”برفباري ۽ طوفان گلن کي ته فنا ڪري سگهن ٿا، پر ٻج کي نه....“

سڪون ۽ راحت خليل جي مرجهايل چهري کي روشن ڪري ڇڏيو هو، ايئن جيئن صبح جي سج جا ڪرڻا، رات جي ڪاري چادر جو سمنو چيري ڇڏيندا آهن. هن چيو، ”اوهين جيڪڏهن مونکي باغي ۽ ڪافر

نٿيون سمجهو، جيئن پادرين پٽي سمجهيو ۽ جنهن جي ڪري ٽي آهه ان بدسلوڪيءَ جو ٻيڪ بڻيس، ان شروعات ڏانهن هڪ اڻ لڪو اشارو آهي، جيڪو معرفت جي اعليٰ رتبي تائين پهچڻ کان اڳ، قومن کي پيش ايندو آهي ۽ هيءَ ٻاٽ اونداهي رات جنهن ۾ شايد آهه موت جو ڪاج ٻنجي وڃان ها، انهن باغيانه هنگامن جي تصوير هوندي جيڪا آزادي ۽ برابريءَ کان اڳ ظاهر ٿيندي آهي، ان لاءِ حساس عورت جي دل منجهان انساني جذبو ڦٽي نڪري ٿو ۽ آن پوترتا روح جي سوجهن مان انساني آتما جنم وٺن ٿا."

اهو ڇٽي هُن وڏهاڙي جو سهارو ورتو، ماءُ ۽ ڌيءُ ڪجهه وقت ڪا ڳالهائڻ مناسب نه سمجهيو، هنن محسوس ڪيو ته هُن جي نيڻن ۾ ننڊ واسو ڪري رهي آهي، جيڪا جهڙي ٿڪاوٽ کانپوءِ سڪون ۽ آرام لاءِ وجود ۾ جنم وٺندي آهي. ڪجهه گهڙين کانپوءِ خليل اکيون پوري ڇڏيون ۽ ان ٻارڙي وانگر سمهي رهيو جيڪو ماءُ جي محبت ڀري هنج ۾ بي فڪر سمهندو آهي، راحيله ۽ مريم آهستگيءَ سان اُٿي ويون ۽ پنهنجن پنهنجن بسترن تي لڏي پيون ۽ نوجوان کي گهوري ڏسڻ لڳيون، ڄڻ هن جي مرجهايل منهن ۾ ڪا ڪشش هُئي، جيڪا هنن جي روحن کي هن ڏانهن راغب ڪري رهي هجي ۽ هنن جي دلين ۾ هن لاءِ محبت پيدا ڪري رهي هجي. گهڙي کن کانپوءِ ماءُ سرهاڻ

ڪري ڏيڻ کي ڪن ۾ چيو، ”هن جي اکين ۾ عجيب
ڏيا آهي، جيڪا سانت هوندي به روحن کي سجاڳ
ڪري رهي آهي“.
ڏيڻ ورندي ڏنيس، ”امڙ! هن جا هٿ مسيح ع
جي ان تصوير جهڙا آهن جيڪا ديول ۾ ٽنگيل آ.“
ماءُ سرپاٽ ڪندي چيو، ”هن جي غمگين منهن
مان عورت جي نرمي ۽ مرد جي قوت لڳي رهي آهي“.
ننڍ جي ديوي هنن ٻنهي روحن کي نوجوان جي
دنيا ڏانهن آڏائي ويئي، ٻاهر ڦلهيار ۾ تبديل ٿي چڪي
هئي، ڏيئي جو تيل ختم ٿي ويو هو ۽ هوريان هوريان
وٽ به وسامي رهي هئي ۽ خوفناڪ طوفان اجهان به
گوڙ ڪري رهيو هو.

4

— ان رات کي پريا ٻه هفتا گذري ويا، ڪڪرن
سان ڀريل فضا ڪڏهن سانتيڪي ٿي پئي ويئي ته
ڪڏهن ڪروڙ ۾ اچي مافرين کي ڪوهيڙي ۽ ڏنڊ
سان پري ٿي چڙيائين ۽ ٽڪرين کي برف جو ڪفن
پارائي ٿي چڙيائين. خليل ان دوران ٻي پيرا ساحل
ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو، پر هر ڀيري راحيله پيار ۽
پا پوهه سان ائين چئي کيس روڪي ٿي وٺو ته، ”پُٽ!
پنهنجي زندگي کي پوهر انڌ پري جي حوالي نه ڪر،

هتي رهي پئي، جيڪا ماني ہن جڻن جو پيٽ ڀري سگهي ٿي، سا نه جڻن لاءِ به ڪافي ٿي سگهي ٿي ۽ هن سگريءَ جي باهه تنهنجي وچ ڪاڙهوءَ به ڀرندي رهندي، ايئن جيئن تنهنجي اچڻ کان اڳ ڀرندي هئي“.

”پٽ! اسين محتاج ضرور آهيون، پر ٻين عام انسانن وانگر زندگي گذاريون ٿا، جو ته خدا اسان کي به ائين ئي رزق پهچائي ٿو، جيئن ٻين کي“.

مريم نهاڻا نيڻ کڻي، ٿڌن شڪارن سان منٿون ڪندي هن کي نه وڃڻ لاءِ چوندي هئي- خليل جڏهن زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تان موٽيو، هن جهوپڙيءَ ۾ پهتو هو ته ڪيس پنهنجي ذات ۾ هڪ اهڙي ”بلند قوت جو وجود محسوس ٿيڻ لڳو هو، جيڪا هن جي دل کي زندگيءَ جي روشنيءَ سان منور ڪري ۽ هن جي روح جي گهراين ۾ هڪ نئون ۽ دلڪش جذبو پيدا ڪري رهي هئي- هن پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اهڙو آدمي محسوس ڪيو هو، جيڪو حسين جي معصوم منَ کي گلاب جي آن گـُـل َوانگر ٻنائي ڇڏيندو هو، جنهن جي خوبي آهي ته ماڪ جا ڦڙا پي ماحول ۾ ”سرهاڻ ڦهلائي-

انسان جي باطن جي ڪابه ڀاونا، آنَ ڳجهيءَ ڀاونا کان گهٽي پاڪ ۽ پوتر ڪونهي، جيڪا پاڻ ارپي ڇڏڻ دوران حسين جي دل تي اثرانداز ٿي، هن جي سونهي جي خال کي طلسمي گيتن سان ڀري ۽ ان جي

ڏينهن ڪـي شاعر جي سپنن ۽ راتين ڪي پمغمبرن جي خيالن وانگر بنائي ڇڏي- فطرت جي رازن مان ڪو راز "حسن ڪان سگهارو ۽ حسون ڪونهي، جيڪو حسينم جي روح جي سڪون کي مستقل حرڪت مان بدلائي پنهنجي عـزم سان ڏهندڙ ڏينهن جـي ياد ڪـي فنا ۽ پنهنجي ايندڙ زماني جي اميدن ڪي جيئرو ڪري ڇڏي ٿو-

جذبات جي قوت ۽ احساس جي اعتبار کان لبناني حسينم هر قوم جي حسينم ڪان متاهين آهي- لبناني حسينم اُن چشمي وانگر آهي، جيڪو زمين جـي سيني مان ڦٽي هيٺاهين حصي ڏانهن وهي ٿو، پر ان ڪي رستو نٿو ملي تہ جيئن هو نديءَ جي شڪل ۾ راڳ ڳائيندو سمنڊ سان وڃي ملي ۽ پوءِ هو خاموش ڍنڍ جي صورت اختيار ڪندو آهي، جنهن ۾ چنڊ ۽ تارن جي سهائي سمايل هوندي آهي-

خليل بہ محسوس ڪيو تہ مريم جو 'روح' هن جي 'روح' جي پرپاسي ۾ پڪي رهيو آهي، هن ڪي جاڻ هئي تہ اها مقدس باهہ، جيڪا هن جي دل تي دڪـي رهي آهي سا مريم جي دل ڪي بہ وڪوڙي چڪي آهي- پهر يائين تہ هو خوشيءَ مان نڙي پيو، جيئن جو گم ٿيل بار ماءُ پيءُ کي ڏسي نڙندو آهي، پر وري جلدي هن ڪي ڪو خيال آيو ۽ هو پنهنجي جلد بازيءَ تي پاڻکي ملامت ڪرڻ لڳو، هنڪي ڊپ

ڏيو تہ مٿان روحن جو ميلاپ ڪوھيڙي وانگر فنا نہ ٿي رھي، جڏھن زماني جو بي رحم ھٿ ھنڪي گهوٽ ڪان ڏڪي ٻاھر ڪيندو، ھو اڪثر دل ۾ چوندو ھو، "ھي ڪھڙو ڳجھو اسرار آھي، جيڪو اسان تي ظاھر ٿي رھيو آھي ۽ اسين ان ڪان اڻ-ڄاڻ آھيون."

اھي ٻيڙيون ڪٿي آھن، جيڪي ڪڏھن اڻانگي رستي ڏانھن وٺي وينديون آھن ۽ اسين اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ سان، ان تي ھلندا رھندا آھيون ۽ ڪڏھن سج جي سامھون بيھاريو تہ اسين خوشيءَ سان ان جي سامھون بيھي رھون ٿا- جيڪا اسان کي جبل جي چوٽيءَ تي پھچاڻيو ڇڏي ۽ اسين خوشيءَ منجھان مرڪڻ لڳون ٿا ۽ ڪڏھن وري ماٿرين جي گھرائين ۾ ڦٽو ٿي ڪري، تہ اسين تڪليف ڪان رڙيون ڪرڻ شروع ڪريو ٿا ڏيون، ھيءَ زندگي ڇا آھي، جيڪا ھڪ ڏينھن تہ اسان سان دوست ٿي گلي ملي ٿي، تہ ٻي ڏينھن ڦريو دشمن ٿيو منھاين ڇماٽ واھيو ڪئي؟ ڇا ڪالھہ تائين آءٌ ديول جي پادرين وچ اڇوت ۽ مظلوم ڪونہ ھئس؟ ڇا آءٌ ان تڪليف جي خاطر جنھن کي الله منھنجي سيني ۾ پيدا ڪيو آھي، تنھن لاءِ مون ڏ ڪوئيندڙ زيادتي برداشت ڪونہ ڪئي؟ ڇا مون پادرين کي ڪونہ چيو تہ انساني سعادت ۾ خدا جي مرضيءَ شامل آھي؟ پوءِ ھي ڏڍ ڇا جو؟ آءٌ پنھنجون اکيون ڇو ٻوٽي ڇڏيان ۽ ان روشنيءَ ڪان پنھنجون منھن

چو موڙي ڇڏيان، جيڪا ان حسن جي نيڻن مان ڦٽي رهي آهي- آءٌ مرد آهيان ۽ فقير به، پر ڇا انسان فقط پيٽ خاطر جيئي ٿو؟ ڇا زندگي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو نالو ڪونهي؟ پر راحله ڇا سوچيندي، جڏهن کيس خبر پوندي ته سڪون ۽ مانار جي عالم ۾ ديول مان ڏڪاريل نوجوان جو روح، هن جي ڏيءُ جي روح سان ميلاپ ٿو چاهي ۽ ان ميلاپ هنن ٻنهي روحن کي الاهي نور جي آڏو ڪري ڇڏيو آهي، هوءَ ڇا چوندي ته جنهن نوجوان کي هن موت جي منهن مان بچايو هو، سو چاهي ٿو ته هن جي ڏيءَ هن جي جيون ساٿي بڻجي وڃي ۽ هن ڳوٺ جا ابوجهه ماڻهو ڇا سوچيندا، جڏهن انهن کي خبر پوندي ته هڪ نوجوان، جيڪو ديول ۾ پليو نپنو ۽ پوءِ آتان ڏڪاريو ويو، سو هن ڳوٺ ۾ آيو ئي ان لاءِ ته هڪ پريءَ جهڙي سهڻي من مُهڻيءَ جي گود ۾ زندگي بسر ڪري. ڇا هو ڪنن ۾ آڱريون ڪونه وجهندا، جڏهن آءٌ کين چوندس ته ان شخص جنهن هنن سان رهڻ خاطر ديول کي ڇڏيو، ان پکيءَ مثل آهي، جيڪو اونداهين مان نڪري روشن ۽ آزاد فضا ۾ ساهه کڻي ٿو- شيخ عباس جيڪو هنن غريب هارين ۾ اهڙي زندگي بسر ڪري ٿو، جيئن غلامن وچ ۾ بادشاهه، سو ڇا سوچيندو، جڏهن منهنجي رام ڪهاڻي هن جي ڪنن تي پوندي؟ ۽ ڳوٺ جو پادري مون سان ڪهڙو سلوڪ ڪندو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن ماڻهو هن جي سامهون اهي ڳالهيون ڪندا، جيڪي مون کي ديول مان ڪڍڻ جو ڪارڻ بڻيون آهن؟“

خليل دل ئي دل ۾ ويچاري رهيو هو ۽ آتشدان جي پرسان ويٺو شعلن کي گهوري رهيو هو، جيڪي هن جي پاڻوائن سان مليا ٿي، ٿورو پريان مريم ڏيان سان هن جي چهري جا خيال پروڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ۽ پنهنجي سيني ۾ انڪار جون صدائون گونجندي ٻڌي رهي هئي ۽ وسوسن جا اولڙا پنهنجي دل جي ويجهو ڦرندي محسوس ڪري رهي هئي.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن خليل دريءَ وٽ ويٺو هو، جيڪا ان ماڙيءَ ڏانهن کُلي ٿي، جتان نيڻَ نهارَ تائين وڻ ۽ ٽڪريون برف ۾ اڇين ڍڪيل نظر اچي رهيون هيون، ڄڻ مُردا ڪفن پائي ويٺا هجن. مريم آئي ۽ هن جي پر ۾ ماٺ ڪري ويهي رهي ۽ دريءَ مان ٻاهريون نظارو پسڻ لڳي، خليل هن ڏانهن نهاريو، جڏهن هن جون نگاهون مريم جي نگاهن سان مليون ته هن ٿڌو ساهه پريو ۽ منهن ٻئي طرف ڦيري اکيون پوري ڇڏيون، ڄڻ هن جو روح جسم کان جدا ٿي، ڏاڍي تيزيءَ سان ابد جي گهراڻين ۾ وڃي رهيو هجي...... انهن جملن جي جستجو ڪندي، جن اڃان تائين لفظن جو روپ اختيار نه ڪيو هجي.

مريم ٿوري دير ڪانپوءِ هن ڪان پڇيو، ”جڏهن برف پگهرجي ويندي ۽ رستا کلي ويندا ته پوءِ ڪيڏانهن ويندين.“

هن پنهنجون اکيون پٽي ٻاهر نظرون ڄمائيندي چيو.

”آءٌ ڪيڏانهن ويندس تنهن جي مون کي به خبر ڪانهي؟“

اهو ٻڌي مريم جو روح ڏڪي ويو. هن ٿڌو ساهه کڻي چيو، ”تون هن ڳوٺ ۾ اسان سان گڏ رهي ڇو نٿو پوين .... ڇا هتي تنهنجي حياتي، اُن مفلسيءَ کان چڱي ڪانه گذرندي؟“

مريم جي لفظن جي نرمي ۽ آواز جي مٺاج، خليل جي دل کي بهار ڪري ڇڏيو، هن وراڻيو، ”هن ڳوٺ جا رهاڪو ديول مان ڌڪاريل شخص کي پنهنجو پاڙيسري بنائڻ قبول نه ڪندا، اهي اهو گوارا ڪونه ڪندا ته آءٌ هن فضا ۾ آزاديءَ سان ساهه کڻان، جنهن ۾ هو غلامي واري زندگي بسر ڪن ٿا، انهن جي ويجهو پادرين جو دشمن، ’خدا‘ ۽ ان جي ’نيڪوڪارن‘ جو دشمن آهي.“

مريم هڪ ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ چپ ٿي ويئي، حقيقت هن کي گونگو ۽ ٻوڙو ڪري ڇڏيو هو، هن ڪنڌ ڌوڻيندي چيو، ”مريم! هن ڳوٺ جي رهاڪن، پادرين توڙي پوڄارين، هر ان شخص جي خلاف

ڪيني ۽ بغض جي تعليم ورتي آهي، جيڪو پنهنجي ذات بابت سوچي ٿو، تنهن ڪري هي سڀ انهن جي پيروي ڪن ٿا ۽ هر ان شخص کان پري رهن ٿا، جيڪو پنهنجي حياتي تقليد ۽ اطاعت بدران، تحقيق ۽ ڳولا ۾ گذارڻ گهري ٿو. ان لاءِ آءٌ جيڪڏهن ڳوٺ ۾ رهيس ۽ هتي جي رهاڪن کي چيم، ”ڀائرو! اچو اسين پادرين ۽ راهبن جي خواهش بدران، پنهنجي مرضيءَ مطابق عبادت ڪريون، ڇو ته خدا ان جاهل جو معبود نٿو ٿيڻ چاهي، جيڪو ٻين جي تقليد ڪري ٿو.“ ته هو چوندا، هي ملحد آهي جيڪو ان اقتدار جي مخالفت ڪري رهيو آهي، جيڪو الله پنهنجي نيڪ ٻانهن کي عطا ڪيو آهي.“ ۽ جيڪڏهن آءٌ کين چوندس، ”ڀائرو! آن آواز کي ڌيان ڌري ٻڌو، جيڪو اوهان جي دلين مان اچي رهيو آهي ۽ ان روح جي ارادي تي عمل ڪريو، جيڪو اوهانجي دلين جي گهراين ۾ موجود آهي.“ ته هو چوندا، ”هي شيطان آهي ۽ اسانکي انهن وسيلن کان محروم ڪرڻ ٿو چاهي جيڪي ’خدا‘ زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ قائم ڪيا آهن.“

خليل ان مهل مريم جي اکين ۾ نهاريو ۽ چيو، ”پر مريم! هن ڳوٺ ۾ هڪ اهڙي شڪتي موجود آهي جنهن مون تي قابو پائي ورتو آهي ۽ منهنجي روح سان ڇهني رهي آهي.... هن مهان شڪتيءَ! جنهن منهنجي دل منجهان پادرين جي ڌاڪ ۽ ڌمر وارو عرصو خُرچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇڏيو آهي ۽ انهن جي سنگدلي منهنجي لاءِ خوش نصيبي ۾ تبديل ڪري آهي، هن ڳوٺ ۾ مون موت کي سامهون ڏٺو ۽ هن ڳوٺ ۾ آءٌ روح خداونديءَ سان منهان منهن مليو آهيان. هن ڳوٺ ۾ ئي ڪنڌن ۾ گهيريل هڪ ڳالهه آهي، جيڪو مون کي پنهنجو واس وٺڻ لاءِ پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو آهي ۽ جنهنجي سُرهاڻ منهنجي دل کي واسي ڇڏيو آهي. تہ ڇا آءٌ ان گل کي ڇڏي ڏيان ۽ ان تعليم جي تبليغ ۽ تلقين ڪندو وڃان جنهن جي ڪري مون کي ديول مان تڙڪاريو ويو آهي يا ان گل وٽ پهچو هجان جيڪو ڪنڊن جي وچ ۾ گهيريل آهي ۽ پنهنجي قول ۽ فعل لاءِ پاڻ ئي قبر کوٽيان.... مريم بڌاءِ مان ڇا ڪيان؟"

مريم اهي لفظ ٻڌا ۽ هن جو جسم ڪنبڻ لڳو، جيئن صبح جي ٿڌڙي هوا لڳندي آهي ۽ گلاب جو گل ٿڙي پوندو اهي، تيئن هن جي من جا ڪرڻا، هن جي ذهن ۾ چمڪڻ لڳا ۽ هن ڇيو جيتوڻيڪ شرم ۽ حيا هن جي زبان پڪڙي رهي هئي، "اسين ٻئي هڪ عادل، مهربان ۽ اڻ ڄاتل قوت جي هٿ وس آهيون، اسانکي گهرجي تہ پنهنجو پاڻ کي هن جي مرضيءَ تي ڇڏي ڏيون."

ان گهڙيءَ خليل جا آڏ ها مريم جي آڏ من سان مليا هڪ ٽي، هڪ پڙڪندڙ شعلو بنجي ويا، جنهن

مان روشني پکڙي رهي هئي، جنهن جي چوڌاري دل
ٺريائيندڙ سُرهاڻ هئي.

5

دنيا ۾ شروع کان وٺي اڄ سوڌي اهو دستور
هلندو پيو اچي ته موروثي شرافت سان ڇهڙيل خاندان
قوم جي خلاف پادرين ۽ مذهبي پيشوائن سان گڏ
جوڙ ڪري هڪٻئي جي مدد ۽ حمايت ڪندا رهيا
آهن. اهو هڪ وڏو روڳ آهي جنهن انساني سماج
جي گهڙيءَ ۾ پنهنجا چنبا کپائي رکيا آهن، هي روڳ
ايستائين ختم ٿي نٿو سگهي جيستائين هن دنيا مان
جهالت جو خاتمو ٿئي، هر مرد جو عقل حڪمران ۽
عورت جي دل ميڻ نٿي ٿئي.

موروثي شريف زادا پنهنجي محلن جي تعمير ڪمزور
فقيرن جي جسمن سان ڪندا آهن ۽ پادري ديول جو
بنياد پيروي ڪندڙ اهل ايمان جي قبرن تي رکندا آهن.
شاهوڪار ويچاري هاريءَ کي جڪڙي ٿو ۽ پادري
پنهنجو هٿ ڪيسي ڏانهن وڌائي ٿو. حاڪم هارين کي
نرڙ تي گهنج پائي ڏسي ٿو ۽ پادري انهن ڏانهن لوڀي
نگاهن سان ڌيان ڏي ٿو. نتيجي ۾ چيتي جهڙي تيزي
۽ بگهڙ جهڙا ڏند ڪڍڻ سان رڍ ويچاريءَ جو ڪم
پورو ٿيو وڃي.... حاڪم قانون جي تعميل ڏانهن سڏي
ٿو ۽ پادري مذهب جي پيرويءَ ڏانهن سڏي ٿو ۽
انهن ٻنهي جي وچ ۾ جسم فنا ٿي وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لبنان جو واريءَ سو علائقو جيڪو سج جي روشنيءَ جي لحاظ کان تہ امير آهي پر نور معرفت جي لحاظ کان محتاج آهي- اُتي خانداني شريف زادا ۽ پادري ان ڪمزور ۽ مفلس شخص خلاف گڏ ٿي ويا آهن، جيڪو بني پوڪسي ۽ لٽي ٿو- فقط ان لاءِ تہ پنهنجي ڏيري جسم کي تلوار جي لعنت کان بچائي سگهن.

لبنان جا موروثي شريف زادا پنهنجي حويلين جي درن تي بيهي وڏي سڏ لبنان جي رهاڪن کي چون ٿا، "سلطان اسانکي توهانجي جسمن جو حاڪم بڻايو آهي-" ۽ پادري قربان گاهہ جي سامهون بيهي چوي ٿو، "الله مون کي توهانجي روحن جو سرپرست مقرر ڪيو آهي."

لبنان جا رهواسي سدائين خاموش رهيا آهن ڇو تہ جنهن دل جي مٿان مٽيءَ جا تهہ جميل هوندا آهن سا لٽجي لتي سگهي- مردا ڪڏهن بہ روج راڙو نہ ڪندا آهن- شيخ عباس هن ڳوٺ جو حاڪم ۽ امير هو، هن کي ديول جي پادرين سان محبت هئي ۽ هو انهن جي مدي خارج رسمن ۽ رواجن جي حفاظت ڪندو هو، ان جي بدلي پادري هن جي ٻنين ۽ باغن جي سنيالينديڙن ۾ اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو جذبو پيدا ڪرڻ ۾ هن جو سات ڏيندو هو.

ان ڏينهن شام جو جڏهن خليل ۽ مريم محبت جي مندر جي ويجهو پهچي چڪا هئا ۽ راحيلہ هنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏانهن محبت ڀرين نظرن سان نهاري رهي هئي- بلڪل ان مهل ڳوٺ جو پادري الياس سهڪندو شيخ عباس جي حويليءَ ۾ پهتو ۽ هن کي اطلاع ڏنائين ته نيڪ سيرت راهبن هڪ باغي ۽ دهريي نوجوان کي ديول مان ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ اهو ملحد گنڌريل پن ڏينهن کان هن ڳوٺ ۾ موجود آهي ۽ هو هن مهل شمعان جي واڏوا راحيله جي گهر موجود آهي-

پادري الياس، شيخ عباس کي اها خبر ٻڌائي بس ڪانه ڪئي پر تاڪيد ڪندي ٻڌايائينس ته، "اهو شيطان جنهن کي ديول مان ڪڍيو ويو آهي سو هن ڳوٺ ۾ رهي فرشتو ٿي نٿو سگهي، انجير جو وڻ جنهن کي باغائي ويڌي باهه ۾ وجهي ڇڏي ته اهو باهه ۾ هوندي ميوو نٿو ڏيئي سگهي- ان لاءِ اسين جيڪڏهن چاهيون ٿا ته هي ڳوٺ خطرناڪ وبائن ۽ الاهي آفتن کان محفوظ رهي ته اسان جو فرض آهي ته هن جوان کي ايئن پنهنجن گهرن ۽ باغن مان تڙي ڪڍون جيئن پادرين هن کي ديول مان تڙي ڪڍيو آهي-"

شيخ عباس عجب مان پڇيو:

"اوهان ڪيئن سمجهيو ته هي جوان ڳوٺ ۾ خطرناڪ وبا وانگر رهندو! ڇا ايئن نٿو ٿي سگهي ته اسان هن کي باغن جو مالي ۽ مال جو دراز مقرر ڪيون، اسان کي هن وقت ڪمين جي سخت ضرورت آهي، ان لاءِ جيڪڏهن هڪ سخت جان نوجوان اسان

کي هٿ چڙهي ته اسان کي وڏي خوشيءَ سان ان کي رکڻ کپي! ائين نه ته هن کي ڏکي ڪيون“.

پادريءَ کاڌي چيو، ”نه....“.

هن جي ڪلمي ۾ نانگ جهڙي ڦوڪارو هئي. هن پنهنجي ڊگهي سفيد ڏاڙهي تي هٿ ڦيريندي چيو، ”جيڪڏهن هي نوجوان ان ڪم لاءِ مناسب هجي ها ته پادري هن کي چو ڏکي ڪڍن ها جڏهن ته ديول جون زمينون وسيع آهن ۽ چوپايو مال جام آهي. ڪالهه ديول مان هڪ شخص آيو هو جيڪو رات مون وٽ ٽڪيو هو. تنهن مون کي ٻڌايو ته هي نوجوان پادرين جي سامهون ڪفر جا ڪلمه چوندو هو ۽ ان انقلابي لهجي ۾ چوندو هو جنهن ۾ جهالت ۽ غلاميءَ جي وڏي مخالفت ڪئي وئي ٿي، هن ڪئين دفعا پادرين جي وچ ۾ ويهي چيو، ”اچو! ديول جون زمينون، باغ ۽ سمورو مال متاع ڳوٺ جي غريبن ۾ ورهائي ڇڏيون ۽ دايا جي مختلف حصن ۾ ٽڙي پکڙي وڃون ۽ چاڪاڻ ته پرچار ڪرڻ هن نماز ۽ عبادت کان ڀلو ڪم آهي. ان شخص مون کي اهو به ٻڌايو ته هن کي ڦٽڪن ۽ قيد جي سزا به انهن خيالن جي پرچار کان باز رکي نه سگهي ۽ شيطان برابر هن جي دل ۽ دماغ تي حاوي رهيو“.

شيخ عباس هڪدم اٿي کڙو ٿيو ان چوتي وانگر جيڪو حملي کان اڳ به چار قدم پوئتي هٽي چست

پئجندو آهي، ٿوري دير خاموش رهي پوءِ ڏند ڪرٽيندو ڪاوڙ منجهان ڪنبندو دروازي ڏانهن وڌيو ۽ نوڪرن کي سڏڻ لڳو، جهٽ پٽ ۾ ٻه ٽي خادم حاضر ٿي ويا ۽ هن جي سامهون ڪنڊ نوائي حڪم جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳا. شيخ عباس گجگوڙ ڪندي چيو، ”واڌوا راحيلہ وٽ پادرين جي لباس ۾ هڪ نوجوان ٽڪيل آهي، اوهين وڃو هيئنر جو هيئنر ان کي جهلي منهنجي سامهون پيش ڪيو جيڪڏهن راحيلہ رنڊڪ بڻجي تہ ان کي چوٽيءَ کان جهلي برف تي گهيري وٺي اچجو، جيئن باغيءَ سان گڏ باغيءَ کي پناهہ ڏيندڙ کي بہ سيکت ڏجي“.

خادم ڪنڌ نوائي پنهنجي آقا جي حڪم جي پوئيواري لاءِ روانا ٿيا ۽ شيخ عباس ۽ پادري الياس آتي ويهي باغي نوجوان ۽ راحيلہ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندا رهيا تہ انهن کي ڪهڙي سزا ڏجي.

6

ڏينهن گهر ٿي ويو، رات برف جي چادر اوڍي انهن جهوپڙين تي پکڙجي رهي هئي، ان ٿڌي ۽ اونداهي فضا ۾ تارا اهڙي طرح ظاهر ٿيا جهڙي طرح موت ۽ زندگيءَ جي تڪليف جو پردو بقا جي آرزو دل ۾ رکي ظاهر ٿئي ٿو. هاري پنهنجي گهرن جون

Scanned with CamScanner

دريون دروازا بند ڪري ٻاهر جي چوڌاري ڦري ويندا، رات جو اونداهيءَ ۾ انهن ڪان بي پرواهه ٿي انهن جي گهرن جي چوڌاري چڪر لڳائي رهيو هو، ان مهل جڏهن راحيله، ڊيٽس ۽ خليل ٻاهر جي چوڌاري ويندا رات جي ماني ڪائي رهيا هئا دروازي جو ڪڙو کڙڪيو ۽ شيخ عباس جا نوڪر اندر داخل ٿيا، راحيله حيران ٿي انهن ڏانهن ڏٺو ۽ مريم ڊڄندي نظرن سان هنن ڏانهن ڏسڻ لڳي پر خليل خاموش ويٺو رهيو ڇو ته هن جو بزرگ روح انهن ماڻهن جي اچڻ جو اڳيئي اطلاع پائي هوشيار ٿي چڪو هو. انهن مان هڪ نوڪر اڳيان وڌيو ۽ ڏاڍي بيدرديءَ سان هن جي ڪلهي تي هٿ رکندي کهري لهجي ”پڇيو، ڇا تون اهو ئي آهين جنهن کي ديول مان ڪڍيو ويو آهي“.

خليل ڏاڍي اطمينان سان ورندي ڏني، ”ها! آءٌ ئي آهيان ٻڌائي ڇا ڳالهه آهي؟“

ان تي خادم چيو، ”اسين توکي گرفتار ڪري شيخ عباس جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ ٿا چاهيون، جيڪڏهن تو ڪا به حرڪت ڪئي ته اسين توکي ”ڪتل رڍ“ وانگر برف تي گهليندا وٺي هلنداسين.“

اهو ٻڌي راحيله هڪدم اٿي ڪڙي ٿي، هن جو چهرو هيڊو ٿي ويو، نرڙ تي گهنج پئجي ويس ۽ ڪنبندڙ آواز ۾ پڇيائين، ”هن اهڙو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو اوهان هن کي شيخ عباس جي سامهون پيش ڪرڻ ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاهيو؟" گهڙي کن ترسي وري مريم چوڻ لڳي، "هي اڪيلو آهي ۽ اوهين پاڻ ۾ ٽي آهيو ان لاءِ توهان جو هن کي ذليل ڪرڻ ۽ تڪليف پهچائڻ ۾ هڪٻئي جو ساٿ ڏيڻ بلڪل ٻاڙيائپ آهي."

خادم جو منهن ڪاوڙ سان ٽپي ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هن سختيءَ سان چيو، "ڇا! هن ڳوٺ ۾ ڪا اهڙي عورت به آهي جيڪا شيخ عباس جي حڪم جي پوئواري نه ڪري." اهو چئي هن ڪيسي ۾ هٿ وڌو ۽ هڪ رسي ڪڍي خليل جون ٻانهون ٻڌڻ لاءِ اڳيان وڌيو، نوجوان بيٺو رهيو، هن جو چهرو ڪنهن به تاثر کان خالي هو، هن جو ڪنڌ مٿي کنيل هو، هن خادمن ڏانهن ڌيان سان ڏسندي چيو، "ٻائرو! مونکي اوهان سان همدردي آهي ان لاءِ ته توهان هڪ ڪمزور اکين واري جي هٿ ۾ طاقتور پر انڌا اوزار آهيو، هو توهانتي ظلم ڪري ٿو ۽ توهان جي ٻانهن جي سگهه سان هڻن کي مارائي ٿو، توهين جهالت جا غلام آهيو ۽ جهالت حبشيءَ جي منهن کان به ڪاري ۽ مٽني شين کان وڌيڪ ڪنور دل ۽ فرمانبردار آهي. ڪالهه سوڌي آءٌ به اوهان جهڙو هئس ۽ سڀاڻي تائين اوهين به مون جهڙا ٿي ويندا پر هن وقت منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ هڪ اونهو ۽ ڊوائتو غار آهي جيڪو منهنجي آواز کي اوهان سوڌي پهچڻ نٿو ڏي ۽ اتي ۾ ئي جذب ڪري رهيو آهي ۽ اوهانتي منهنجي حقيقت ظاهر ٿيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نٿو ڏي، اهو ئي ڪارڻ آهي جو اوهين ُسٺي نٿا سگهو ته ڏسي نٿا سگهو- اچو! آءٌ حاضر آهيان منهنجون ٻانهون ٻڌو ۽ جيڪو توهان کي وڻي سو مون سان سلوڪ ڪريو"-

اينڊڙن اهو ُٻڌو ۽ انهن جون اکيون ڪليل ئي رهجي ويون هنن جي جسمن ۾ هڪ عجيب حرڪت پيدا ٿي ۽ هو ڪن ڊيل لاءِ پنڊ پهڻ ٿي نوجوان کي حيرت ۽ ڊپ سان ڏسندا رهيا- جڻ هن جي آواز جي ميناج هنن جي جسمن جي حرڪت کسي ورتي هجي ۽ هنن جي ُبلند خيالن کي سڃاڻي ڪري ڇڏيو هجي جيڪي هنن جي دلين جي گهراين ۾ ُستا پيا هئا پر هو ڇرڪجي پيا جڻ شيخ عباس جو آواز هنن جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳو هجي ۽ پنهنجو فرض ياد ڏياري رهيو هجي جيڪو ڪين سونپيو ويو هو، سو هو اڳيان وڌيا ۽ نوجوان جون ٻانهون ٻڌي ڪيس وٺي خاموشيءَ سان گهر سان لڪتا، ڪين ايئن محسوس ٿيو هو ته هنن جي دل جي هر حصي سان ڪنهن ڇاتل شئي جو آواز اچي رهيو هجي- راحيله ۽ مريم به هنن جي پويان هلڻ لڳيون، هو خليل جي پويان شيخ عباس جي گهر ڏانهن ايئن وڃي رهيون هيون جيئن بيت المقدس جون ڇوڪريون مسيح ناصريءَ جي پويان پويان هيون-

7

عام طور تي ڳالهه ٻڌائي ڪيتري به ننڍي ڇو نه
هجي پر جيتريقدر ڳوٺ جو تعلق آهي ته اها اتي ڏاڍي
تيزيءَ سان پکڙجي ٿي- جنهن جو ڪارڻ هي آهي ته
غريب هاري زندگيءَ جي گهڻيل شغلن کان لڳاتار
ڇڙي رهن ٿا ۽ اهي دوري نت نئين ڳالهين ۽ واقعن جي
تحقيق ۽ ڳولا ۾ رڌل رکي ٿي جيڪي سندن ڀرپاسي
۾ رونما ٿين ٿا- سياري جي مند ۾ جڏهن پنيون ۽
باغ برف جا ڪمبل اوڍيو اگهور ننڊ ۾ ستل هوندا
آهن ۽ ڪنبندڙ ڏوائتي زندگي آتشدانن جي آسپاس
ڦٽڪندي رهندي آهي ۽ ڳوٺاڻن ۾ نين خبرن جي ڳولا
جو شوق ۽ جستجو اڃان به وڌي ويندو آهي ته جيئن
خالي خولي خبرن جي تاثرن کان ڏوائتيون ۽ سرد راتيون
انهن تي تبصرو ڪرڻ ۾ گذري وڃن-

سو اڃان شيخ عباس جي ماڻهن خادل کي گرفتار
ئي مس ڪيو ته اها خبر ڳوٺ ۾ باهه وانگر پکڙجي
ويئي ۽ ڳوٺاڻن کي وڏيڪ چاڻ حاصل ڪرڻ جو
شوق ڏياري ويئي- هو پنهنجن گهرن مان نڪري منتشر
فوج وانگر چئني طرفن کان ڀڪندا اچڻ لڳا- گرفتار
ٿيل نوجوان اڃان شيخ عباس جي محل ۾ پهتو ئي
ڪونه هو ان کان اڳ هن جو شاندار ۽ وڏيرو ديوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خانو مردن، عورتن، ٻارڙن ۽ ٻارن سان ڀرجي ويو.
تماشائي شوق ۽ اوسيئڙي ۾ بار بار اوڏانهن نهارڻ لڳا
ٿي جتان قيدي نوجوان اچڻو هو ۽ هنن جي بار بار
نهارڻ مان اهو ثابت پئي ٿيو ته هو ديول مان ڪڍيل
نوجوان کي هڪ نظر ڏسڻ لاءِ ڪيترا نه آتا هئا ۽
واڏوا راحيله ۽ ڊيٽس کي به جن جي خبيث روحن گهوٽ
جي فضا کي جهنمي بيمارين سان ڀرڻ لاءِ هن نوجوان
جو ساٿ ڏنو هو.

شيخ عباس هڪ مٿاهين ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽
هن جي پر ۾ پيل ڪرسيءَ تي پادري الياس پير رکي
ويٺو هو. هاري ۽ خادم ادب سان اٿي بيٺا، هنن جون
اکيون پانهون پٽيل نوجوان تي ڄميل هيون جيڪو
انهن جي وچ ۾ ايئن ڪر ڪنيو بيٺو هو جيئن ماڙين
جي وچ ۾ مٿاهيون ٽڪريون. راحيله ۽ مريم هن جي
پويان بيٺيون هيون. خوف هنن جي دلين تي طاري هو
۽ ماڻهن جون بي رحم نگاهون هنن جي روحن کي
ڪچلي رهيون هيون. پر پوءِ ان عورت جي جذبن تي
ڪهڙو اثر ڪري سگهي ٿو جيڪا حق کي ڏسي ان
جي پويان آئي هجي ۽ بي رحم نظرون ان حسينه جي
دل تي ڪهڙو اثر ڪري سگهن ٿيون جنهن محبت جو
آواز ٻڌو ۽ سجاڳ ٿي ويئي.

شيخ عباس نوجوان ڏانهن گهوري ڏٺو ۽ ڪڙڪيدار
آواز ۾ پڇيائين:

Scanned with CamScanner

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“
هن ورائيو، ”خليل....“
شيخ عباس ٻيهر سوال ڪيو.
”تنهنجا ”مت“ مائٽ“ ڪهڙا آهن ۽ تنهنجو وطن ڪهڙو آهي؟

خليل هارين ڏانهن ڏٺو جيڪي هن ڪي نفرت ۽ حقارت سان ڏسي رهيا هئا ۽ چيائين، ”هي مظلوم، مسڪين منهنجا ”مت“ سائٽ آهن ۽ هي وڏو ۽ ويڪرو ملڪ منهنجو وطن آهي“.

شيخ عباس ٺوڪ هٺندي چيس، ”جن ساڻن ڪي تون پاڻ ڏانهن منسوب ٿو ڪرين؛ اهي توکي سزا ڏيارڻ ٿا چاهين ۽ جنهن ملڪ کي تون پنهنجو ديس ٿو چوين اهو توکي پنهنجو رهاڪو مڃڻ کان انڪار ٿو ڪري“.

نوجوان ٻي ڇين ٿي ورندي ڏني، ”جاهل قومون پنهنجي سپوتن کي جهلي ظالمن جي حوالي ڪنديون آهن ۽ نفرت ۽ حقارت سان ڀريل ملڪ پنهنجي مخلص ۽ عاشقن کي ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻائيندو آهي، پر ڇا نيڪ نينگر پنهنجي ماءُ کي ڇڏي ڏي جڏهن هوءَ بيمار هجي، مهربان پاءُ پنهنجي پاءُ کي ڇڏي ڏي جڏهن هو بيروزگار هجي، هنن غريبن جن آج منهنجون ٻانهون ٻڌي مونکي اوهان جي حوالي ڪيو آهي، هي هاري جن هيڙي ذلت آميز طريقي سان مون کي اوهان جي

ساموهون پيش ڪيو آهي، اهي ئي اوهانجي زمين ۾ ٻج پوکين ٿا ۽ اوهانجي قدمن ۾ پنهنجو خون وهائين ٿا ۽ هيءَ زمين جيڪا مون کي پنهنجو رهاڪو نٿي مڃي اها ئي زمين آهي جيڪا بي ايمان ۽ لالچين کي ڳڙڪائي وڃي ٿي".

شيخ عباس ٺهڪ ڏنو ڇڻ هن نوجوان جو روح ٺهڪ جي گهراين ۾ غرق ڪرڻ ٿي چاهيو، ڇڻ اپوجهه تماشائين جي روحن سوڌي پهچڻ کان روڪي رهيو هجي- هن چيو، "بدبخت! ڇا تون ديول جي مال جو دراڙ ڪونه هئين؟... تہ پوءِ تون پنهنجي رعيت کي ڇو ڇڏيو ۽ ديول مان ڇو ڪڍيو وين، ڇا تون سمجهين ٿو تہ قوم نيڪدل پادرين جي مقابلي ۾ تو سان گهڻي همدردي ڪندي؟"

خليل ورندي ڏني، آءٌ دراڙ هئس ڪاسائي تہ نہ هئس، آءٌ مال کي سرسبز ميدانن ۽ چراگاهن ۾ وٺي ويندو هئس، نہ کي سڪل ٺوٺ ٽڪرين تي، انهن کي صاف شفاف ۽ مٺن چشمن جو پاڻي پيئاريندو هئس نہ کي کنو ۽ خراب پاڻي پيئاريندو هئس، آءٌ شام جو انهن کي وڏاڻن ۾ هڪلي ايندو هئس نہ کي خونخوار جانورن جو شڪار ٿيڻ لاءِ ماٿرين ۾ ڇڏي ايندو هئس- آءٌ حيوانن سان اهو سلوڪ ڪندو هئس ۽ تون بہ جيڪڏهن هنن ڳوٺاڻن جي ڌڻ سان مون جهڙو سلوڪ ڪرين ها تہ تون ڪر هن عاليشان محل ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونہ رهين ها ۽ هنن ڪي اندڙين ۽ اونداهين جهوپڙين ۾ ”بک کان تڙڦي تڙڦي مرڻ لاءِ نہ ڇڏينءَ ها؟ جيڪڏهن تون الله جي مايوس ۽ نامراد بندن تي اهڙي طرح رحم ڪائين ها جهڙي طرح آءٌ ديول جي مال تي ڪائيندو هئس تہ تون هيئنئر نرم گاديلان واري تخت تي ويٺل نہ هجين ها ۽ هي ماڻهو تنهنجي سامهون ايئن ڇو بيٺل هجن ها جيئن سخت هوا ۽ طوفان جي سامهون وڻ جون ٽاريون“۔

شيخ عباس ڪاوڙ مان تپي ڳاڙهو ٿي ويو هن جي پيشانيءَ تي پگهرَ جا ڦڙا چمڪڻ لڳا ۽ هن جي ڪلَ ڪاوڙ ۾ بدلجي ويئي پر هن پنهنجو پاڻ کي قابو ڪيو تہ مٿان هن جو خوف ۽ پريشاني حاضرين تي ظاهر نہ ٿي وڃي، ان لاءِ هن هٿ جو اشارو ڪندي چيو:

”بي ايمان! اسان توکي ان لاءِ گرفتار نہ ڪرايو آهي تہ هتي تنهنجي بڪواس ٻڌون پر ان لاءِ گهرايو آهي تہ هڪ ڏوهاريءَ جي حيثيت ۾ توکي سزا ڏيئي سگهجي، توکي خبر هئڻ گهرجي تہ تون هن محل ڳوٺ جي سردار جي سامهون بيٺو آهين جيڪو امير امين شهابيءَ (۱) جو نمائندو آهي، پادري الياس جي

---

(۱) امير امين شهابي، سلطانہ بشير شهابيءَ جو پٽ جيڪو پنهنجي پيءُ جي وفات کانپوءِ لبنان جو حاڪم ٿيو۔

ساٿيون بڻيو آهين جيڪو ان مقدس ڪلمي جو نمائندو آهي جنهن ڪان تو بغاوت ڪئي آهي- ان لاءِ تو تي اهو واجب آهي ته تون انهن الزامن جي ترديد ڪر جيڪي تو تي لڳايا ويا آهن يا ندامت جو اظهار ڪر ۽ ان سان گڏ اسان کان پڻ معافي گهر ۽ هن ميڙ جي ساٿيون ڪنڌ جهڪائي ڇڏ جيڪو تو تي ڪلي رهيو آهي ته اسين توکي معاف ڪري ڇڏيون ۽ ديول وانگر سال جو دراز مقرر ڪريون!“

نوجوان نهايت مطمئن ۽ باوقار لهجي ۾ جواب ڏنو، ”هڪ ڏوهاريءَ جو فيصلو بيو ڏوهاري نٿو ڪري سگهي، بدمعاش، بدمعاش جي ساٿين الزامن جي ترديد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي نٿو سگهي جيڪي هن تي لڳايا ويا آهن-“ اهو چئي هن ماڻهن جي ان ميڙ ڏانهن ڏٺو جيڪي ديوان خاني ۾ گڏ ٿيا هئا ۽ هن وڏي آواز ۾ ”هنن کي مخاطب ٿيندي چيو، ”پيارا دوستو! اوهانجي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ هن شيخ کي زمينن جو مالڪ بڻائي ڇڏيو ڇڏيو آهي، هن مون کي ان لاءِ گرفتار ڪرايو آهي ته جيئن توهان جي ساٿين هن ديوان خاني ۾ پنهنجو فيصلو ڪري جيڪو اوهان جي اين ڏاڍن جي هٿين تي جوڙيو ويو آهي ۽ اهو شخص جنهن کي اوهان جي ايمان جي جذبي ديول جو پادري بڻايو آهي سو مون کي تڪليف پهچائڻ ۽ ذليل ڪرڻ ۾ هن جو ساٿ ڏيڻ آيو آهي، پر اوهان؟.... اوهين ڇڻي طرفن

ڪان ٻوڙندا هتي آيا آهيو جيئن موئڪي تڪليف ۾ مبتلا
ڏسي سگهو ۽ رحم جون فريادون ڪندي ٻڌي سگهو،
توهان گرم آتشدانن جي قربت ڪي ڇڏي ڏنو ان لاءِ
تہ پنهنجي پاڻ ڪي رسين ۾ ٻڌل ڏسي سگهو. توهان
ٻوڙندا آيا آهيو جيئن درندن جي چار ۾ قاتل تڪليف
ڪان پڪارينڌڙ شڪار ڪي ڏسي لطف اندوز ٿيو. توهان
ان لاءِ ٻوڙندا آيا آهيو جيئن باغي ڏوهاريءَ ڪي
حاڪمن جي سامهون بيٺل ڏسي سگهو، ڏسو! آءٌ آهيان
اهو ڏوهاري، آءٌ آهيان اهو باغي جنهن ڪي ديول سان
ڪڍيو ويو آهي ۽ هڪ طوفان آڏائي اوهانجي گهوٽ
ڦٽو ڪيو آهي. ڏسو آءٌ آهيان اهو بدمعاش، منهنجي
پڪار ٻڌو! ۽ مون سان همدردي نہ پر انصاف ڪريو
ان لاءِ تہ همدردي صرف هيڻن ڏوهارين لاءِ جائز آهي
پر انصاف اها شئي آهي جنهن جو طالب هر بي گناه
هوندو آهي. آءٌ توهانکي پنهنجو قاضي مقرر ڪريانٿو
ان لاءِ تہ قوم جو ارادو هوندو آهي. پنهنجي دلين کي
سجاڳ ڪريو ۽ منهنجي ڳالهہ ڌيان ڌري ٻڌو
پنهنجي ضمير جي روشنيءَ ۾ منهنجو فيصلو ڪريو
توهانکي چيو ويو آهي تہ آءٌ سرڪش ۽ باغي آهيان
پر اوهانکي اها پروڙ ڪانهي تہ منهنجو ڏوهہ ڪهڙو
آهي پر منهنجي ڏوهہ ڪان اڃان سوڌي توهانجا ڪن
واقف ڪونہ ٿيا آهن. ان لاءِ تہ هن ملڪ ۾ ڏوهہ
گناهہ جي حقيقت ڪوهيڙي ۾ لڪيل آهي پر

ماڻهن ۾ اهڙي طرح ظاهر ٿئي ٿي جيئن رات جي اونده
۾ وڄ جو چمڪو“.

”پيارا! منهنجو ڏوهه اهو آهي ته مونکي اوهانجي
بدبختي ۽ غلاميءَ جو احساس آهي. پيٽرون! منهنجو
گناهه اوهان ۽ اوهانجي ٻچن سان همدردي آهي،
جيڪي اوهانجي سيني سان چهٽي موت جي ڪوڙاڻ
چوسين ٿا، آءٌ به اوهان سان آهيان، منهنجا ابا ڏاڏا
به انهن ئـي ماڙين ۾ پلجي وڏا ٿيا هئا. آءٌ به اُن
خدا تي ايمان رکانٿو جيڪو توهان جي ڏکويل روحن
جي پڪار ”ٻڌي ٿو ۽ توهانجي ڌڙڪندڙ دلين کي
ڏسي ٿو آءٌ به اُن ڪتاب تي يقين رکانٿو جنهن مون
کي ۽ توهان کي ڀاءُ بڻايو آهي. آءٌ اُن تعليم تي به
ايمان رکانٿو جنهن مونکي ۽ توهانکي انسان جي
ٻندگيءَ مان آزاد ڪرائي هن زمين تي ڪڙو ڪيو
آهي جيڪو ذات خداونديءَ جو وڏو ڪارنامو آهي.
آءٌ ديول ۾ مال جو دراز هئس پر منهنجي هيڪلائي،
مانيٽو جهنگل، گونگن جانورن جي سات جي باوجود
به مون کي اُٽ پوائتي حقيقت کان انڌو ڪونه ڪيو،
جنهن جي ڪري توهان هر وقت پريشانيءَ ۾ مبتلا رهو
ٿا، مايوسيءَ جي ان پڪار ”ٻڌڻ لاءِ منهنجا ڪن
اچا ٻوڙا نه ٿيا آهن جيڪي جهوپڙين جي ڪنڊن ۽
بازيگرن مان اُڌن ٿا. مون پاڻ کي ديول ۾ ڏنو ۽
توهانکي ٻنين ۾ رڍن جي ڌڻ وانگر، ايئن جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حفيظ الله چانڊيو لائبريري
S. Book No. A. 468
Date 15-3-91

خونخوار بگهڙن جي پوريان غار ڏانهن وڃي رهيون هجن،
ٻچا ڪوچ رستي ۾ ٻيهي مدد لاءِ پڪارڻ لڳس، هي
ڏسو بگهڙ مونتي حملو ڪري مون کي گهائي ڇڏيو
آهي ۽ پوءِ ڏاڍي مڪاريءَ کان ڪم وٺندي مون
کي ڏڻ کان ڌار ڪري ڇڏيو ته متان منهنجون پڪارون
ٻڌي ريڍن جو ڏڻ سجاڳ نه ٿي پوي ۽ انهن جي
دلين ۾ بغاوت جام آڌما نه پيدا ڪري ڇڏي ۽ پوءِ
ريڍن جي ڏڻ کي هيڏانهن هوڏانهن ٽيڙي پکيڙي رات
جي انڌيري ۾ اڇيو، ٻڪيو ڇڏي ڏنائين .... مون ان
حقيقت کي اوهانجي سامهون آڻڻ لاءِ قيد، ٻڪون، اڇون
۽ ٻيون عقوبتون سٺيون آهن، توهانجون پڪارون جيڪي
پولارَ ۾ پڙاڏو بڻجي گونجن ٿيون. انهن جي ڪري
ٻيون به ڪيتريون ئي عقوبتون سٺيم پر هيٺي نه هوايم
۽ نه ئي دلشڪستو ٿيس، ان لاءِ ته توهانجون فريادون
مون سان همراهي هيون ۽ ورَ ورَ ڏيو منهنجي سگهه
کي آپاري مون کي منهنجي لاءِ وڙهندڙ بڻائي رهيون
هيون. اوهان هن وقت اهو سوچي رهيا هوندؤ ته اسان
مان اهو ڪهڙو شخص آهي جنهن وات کولڻ جي همت
ڪئي آهي ۽ پنهنجي مظلوميءَ جي فرياد ڪئي آهي؟
پر آءٌ اوهان کي چوان ٿو ته اوهانجا روح هر روز، مظلومي
جي عالم ۾ فرياد ڪندا رهن ٿا، پر اوهان پنهنجن روحن
جي پڪار نٿا ٻڌو ۽ نه ئي پنهنجي دلين جي فريادن
تي ڌيان ڌريو ٿا، مرڻ وارو پنهنجي سيني ۾ ٽيندڙ

Scanned with CamScanner

خرخراهٽ ڪونہ ٻڌندو آهي، پر بستري جي ويجهو وينل ٻڌندا آهن. ذبح ٿيل ٻڪي تڪليف ڪارڻ ڦٿڪندو آهي، پر هو ڪونہ چاهيندو آهي. ڏسڻ وارا چاهيندا آهن .... ڏينهن جو اها ڪهڙي گهڙي آهي جنهن ۾ توهان جا روح درد ڪري ٻي چئن ٿي آهون نٿا ڀرين؟ ڇا پرهہ ڦٽي مهل اوهانجي دلين ۾ جيئري رهڻ جا آدما پيدا ڪونہ ٿيندا آهن، توهان جي اکين تان ننڊ جا نقاب لاهي. پنهنجي ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪونہ ڪيو ويندو آهي؟ ڀا پنهنجن جي جڏهن اوهان وڻن جي ڇانوَ ۾ ويهڻ جي آس ڪندا آهيو، جيئن سج جي تکن تيرن کان پاڻ بچائي سگهو، پر بچائي نٿا سگهو، ڇا شام ٿا ٿي جڏهن اوهان بُک ۽ اُڃ سبب جهوپڙين ڏانهن ورندا آهيو پر اُتي اوهان کي سُڪل ٻوڙي ۽ گندي پاڻيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نٿو ملي يا رات جو سڄي ڏينهن جي ٿڪاوت سبب پٿرَ تي ليٽيو ٿا ۽ پاسا ورائيندي سمهي پئو ٿا، پر ننڊ اوهانجي نيڻن ۾ اچان واسو مس ٿي ڪري، تيسين اوهين خوفزده ٿي جاڳي پئو ٿا ۽ شيخ عباس جو آواز پنهنجن ڪنن ۾ گونجيندو محسوس ڪريو ٿا. سال جو اهو ڪهڙو ڏينهن آهي جنهن ۾ اوهانجي دل مسرت سبب ماتم نٿي ڪري؟ ڇا بهار جڏهن فطرت جو نئون وڳو پائي ٿي ۽ اوهين ڦاٽل ڦٽل پراڻا ڪپڙا پائيو، آن کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪرو ٿا يا جڏهن

اوهين لاٻارا ڪريو ٿا ۽ ڪراڙ ٻٽا ٿيون ڪري پنهنجي
مالڪ جا گدام آن سان ڀريو ٿا ۽ پنهنجي سموري
محنت جي بدلي اوهان کي گاهه ۽ تنهن کانسواءِ ٻيو
ڪجهه به نٿو ملي، ڇا خزان جي مُنڊ ۾ جڏهن اوهين
ميوو گڏ ڪندا آهيو ۽ انگورن جو رس ڪڍيو ٿا، پر
آن ۾ توهانجو ذري برابر به حصو نه هوندو هو، سواءِ
پنن ۽ ڌارين جي يا سيارو جڏهن پوري جوڀن تي ايندو
آهي، پارو وسندو آهي ۽ برف اوهانکي جهوپڙين ڏانهن
ڀڄڻ تي مجبور ڪندي آهي، تڏهن اوهين ٻاهه جي پر
۾ ويهي ڏُڪـن ۽ تڪليفن سبب ڪجهندا آهيو ۽
طوفان جي زور ڪان ڊڄندا آهيو. فقيرو! اها آهي اوهان
جـي زندگي. اهـو اونڌيرو اوهان جـي روحن تـي
خيما کوڙيو ويٺو آهي!. محتاجو! اهو آهي توهانجي
ذلت ۽ بدبختيءَ جو عڪس. نامُرادو! اها آهي مستقل
جـي ڏُک دائڪ فريـاد جيڪا اوهانجي دلين مان
نڪرندي ٻُڌي آهي ۽ سُجاڳ ٿيو آهيان. اها پادرين
جي خلاف منهنجي بغاوت آهي، انهن جي زندگيءَ سان
منهنجو اهو ئي اختلاف آهي، انصاف جي نالي ۾ توهان
جون تڪليفون سهڻ لاءِ اڪيلو آماده ٿي ويو آهيان،
جنهن جي نتيجي ۾ پادرين مونکي ڌڪريو ۽ باغي قرار
ڏيئي، ديول مان ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ هتي ان لاءِ آيو
آهيان جيئن اوهان سان گڏ زندگي گذاري توهان جي
بدبختين ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيان ۽ پنهنجا لڙڪ توهانجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڙڪن سان شامل ڪيان. پر ساڻهن منهنجون ٻانهون ٻڌي سون ڪي توهانجي ان طاقت ور دشمن حوالي ڪري ڇڏيو آهي جيڪو اوهان جي خيرات تي پلجي ٿو. توهان جي دولت سان ڪيڏي شاهاڻي زندگي بسر ڪري ٿو ۽ توهانجي محنت جي اڻ ڳڻت خزاني مان پنهنجو پيٽ ڀري ٿو. ڇا اوهان ۾ اهي پوڙها ڪونهي جيڪي اوهان کي ٻڌائي سگهن ته اهي ٻنيون جيڪي توهان جا ابا ڏاڏا پوک پوکيندا ۽ لڻندا هئا. ان جي باوجود به اوهين ان جي پيداوار کان محروم آهيو. دراصل اهي ٻنيون اوهان جون ئي هيون، جيڪي شيخ جي پيءُ حرفت هلائي ڌڙن کان ڦريون هيون، جڏهن قانون تلوار جي نوڪ تي لکيل هو؟ ڇا اوهان اهو ڪو نه ٻڌو آهي ته پادرين اهي باغ ۽ زمينون ڇالاڪي ڪري اوهانجي وڏڙن کان کسي ورتيون، جڏهن الهن جي چهن تي دين جون آيتون لکيل هيون؟ ڇا اوهان کي اها پروڙ ڪانهي ته مذهب جا ٺيڪيدار ۽ موروثي امير زادا توهانکي ذليل ۽ خوار ڪرڻ ۽ توهانجي دلين جو خون چوسڻ لاءِ هڪٻئي جي مدد ڪن ٿا؟ اوهان ۾ اهو ڪهڙو شخص آهي، جنهن جو ڪنڌ پادريءَ، زميندار اڳيان نه جهڪايو هجي؟ توهان ۾ اها ڪهڙي عورت آهي جنهن کي زميندار ڌڙڪو داب ڪري پادريءَ جي چوڻ تي هلڻ لاءِ مجبور نه ڪيو هجي؟.... توهان ٻڌو هوندو ته الله انسان کي چيو هو، ”محنت ڪري کاڌو کائو“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر شيخ عباس اها ’ٿاني چو ٿو ڪائي، جيڪا غريبن جي پگهر پورهئي مان پچي ٿي ۽ اهو شراب چسو ٿو پيئي جنهن ۾ اوهان جا لڙڪ شامل آهن؟ ڇا خدا هن شخص کي ماڻ پيشان وڌائي ۽ عظمت جو مرڪز بڻائي موڪليو آهي يا نامعلوم ڏوهن جي ڪارڻ توهان کان ناراض ٿي، اوهانکي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي رکيو آهي، اوهين زمين جو سينو ڇيري ڦاڙي اَن اپايو ٿا، ماڻرين جا ڪنڊا لتاڙي پيرَ زخمي ڪرايو ٿا۔ شاندار محل جوڙيو ٿا ۽ پوءِ به انهن ئي پيگل ٽٽل جهوپڙين ۾ رهو ٿا! اوهان ’پڙهو هوندو ته مسيح ناصري پنهنجي ساٿين کي چيو هو ته، ”اوهان کي قدرت طرفان جيڪو ڪجهه مليو آهي، سو مفت مليو آهي ان ڪري اوهين به جيڪو ڪجهه ماڻهن کي ڏيو سو مفت ڏيو“۔

”سون، چانديءَ جي صندوقن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ذليل نه ڪريو! ته پوءِ اها ڪهڙي تعليم آهي، جنهن پادرين لاءِ اهو جائز ڪري ڇڏيو آهي ته پنهنجون نمازون ۽ واعظ سون ۽ چانديءَ جي عيوض وڪڻن؟ توهان رات جي سانتيڪي ماحول ۾ دعائون گهرو ٿا ته، ”اي پالڻهار! اسانکي ڏيوَ تي ماني ۽ زندگيءَ جون پيون ضرورتون عطا ڪر!“ ۽ پروردگار توهانکي هيءَ زمين عطا ڪئي، جيڪا اوهان لاءِ ئي ماني ۽ زندگيءَ جون پيون ضرورتون عطا ڪري ٿي۔ ڇا الله ڏيول جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پادرين کي قوت ان لاءِ ڏني آهي ته هو اوهانجي هٿن مان ماني کسي وٺن، توهان يهودا (۱) تي لعنت وسايو ٿا، ان لاءِ ته هن چاندي جي ڪجهه سڪن جي عيوض پنهنجي دوست ۽ سائيءَ کي وڪڻي ڇڏيو. پر پوءِ اها ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن جي ڪري اوهان انهن ماڻهن کي مبارڪون ٿا ڏيو، جيڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ هر روز اهوئي ڪم ڪن ٿا. بدبخت يهودا ته پنهنجي غلطيءَ تي شرمسار ٿيو هو ۽ پاڻ کي گهٽو ڏيئي ختم ڪري ڇڏيائين پر هي ته ڏکيا وڙ ۽ ويڪريون قبائون (جبا) پهريو، ڪر کنيو توهان مان هلندا وتن، توهان ته پنهنجي ٻچن کي مسيح ؑ ناصري جي محبت جي تعليم ڏيو ٿا ۽ انهن کي مسيح مان ساڙ ۽ حسد رکندڙن ۽ انجي تعليم ۽ شريعت جي مخالفن جي سامهون پاڏائڻ چو ٿا سيکاريو؟ توهان کي خبر آهي ته مسيح ؑ جا سڀئي قاصد تلوار جو ٻک ٻڌجي ويا هئا يا سنگسار ڪيا ويا هئا، فقط ان لاءِ ته اوهان ۾ موجود مقدس روح مري نه وڃي- پر ڇا اوهين چاهيو ٿا ته پادري ۽ راهب اوهانجي روحن کي روز قتل ڪن ٿا، ان لاءِ ته توهانجي ذلل خيرات مان مزا ماڻين ۽ توهانجي روحن جي

---

(۱) يهودا حضرت عيسي ؑ جو شاگرد هو- جنهن لالچ ۾ اچي حضرت عيسي ؑ کي گرفتار ڪرايو-
— سنڌيڪار —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قيد ۽ بند جي اذيتن مان لطف اندوز ٿين.

”قسمت جا ستايلو! اها ڪهڙي شئي آهي، جيڪا اوهان کي ذلت ۽ حقارت سان ڀريل زندگيءَ جي فريب ۾ ڦاسائي ٿي ۽ ان ڀوائتي ”بت جي سامهون سجدو ڪري ٿي، جنهن کي ڪرڙ، رياڪاريءَ توهانجي ابن ڏاڏن جي قبرن تي ڪوڙي ڇڏيو آهي، اها ڪهڙي مايا آهي، جنهن جي حفاظت اوهين اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي وسيلي ڪريو ٿا، جيئن اها پنهنجي اولاد لاءِ ورثي ۾ ڇڏي وڃو“-

اها ڪهڙي شي آهي جنهن ڏانهن اوهان هي چئي اشارو ڪريو ته ”هي اسان جي آهي“- اي ڪمزور غلامو! ڇا اوهانکي خبر آهي ته انهن پادرين جا ڪرتوت ڪهڙا آهن، جن ڪان اوهين مرعوب آهيو، جن کي اوهين پنهنجي روحن جو مقدس ترين امون بڻايو آهي؟ ڀڌو آءٌ اوهانکي آها ڳالهه ٻڌايان ٿو، جيڪا توهان محسوس ته ڪريو ٿا، پر آن جو اظهار نٿا ڪري سگهو. اهي بي ايمان آهن جن کي عيسائي مقدس ڪتاب ڏين ٿا ۽ هو هڪ ڄار آڏي ان جي مال ۽ ملڪيت جو شڪار ڪن ٿا. هو مڪار ۽ دغاباز آهن جن کي اهلِ ايمان صليب عطا ڪن ٿا ۽ هو (پادري) آن کي تلوار جي نوڪ بڻائي هنن جي متن ڪان ڇڪي وٺي ٿو، هو ظالم آهن جن جي حوالي ڪمزور پنهنجون سريون ڪن ٿا ۽ هو انهن کي رسن سان ٻڌي پنهنجي فولادي چنبن

۽ جڪڙي وڌن ٿا ۽ ايستائين نٿا، ڇڏين جيستائين هو مٿيءَ جي ڏانون وانگر پيسجي ڌُر ٿي هوا ۾ اُڏامي نٿا وڃن. اهي پوائنتو بگهڙ جڏهن واڙي ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ڏنار ڪيس رڏ جو هچو سمجهي اطمينان سان سمهي پوندو آهي پر جڏهن رات جي اونداهہ ڏينهن جي سهائيءَ تي غالب پوندي آهي تہ هو واڙ ۾ ٽپي پوندو آهي ۽ واري واري سان رڍون ماريندو ويندو آهي- هو پيٽ پالو ڪتو آهي جيڪو لذيذ طعامن جي عزت ديول جي قربان گاهن ڪان وڏيڪ ڪندو آهي، لوڀي آهي جيڪو دولت جي هوس ۾ جنن جي غارن تائين بہ پهچي ويندو آهي ۽ غلامن جو رت ايئن چوسيندو آهي، جيئن ريگستان برسات جي ڦڙن کي چوسي وٺندو آهي، ڪنجوس آهي، جيڪو پنهنجي نفس جي خواهشن جي پورائي ڪري ٿو ۽ اهي شيون ڦٽائي ٿو جن جي هن کي گهرج ڪانہ هوندي آهي- هو چور آهي جيڪو ديوارن جي سوراخن مان داخل ٿيندو آهي ۽ ايستائين نہ نڪرندو آهي، جيستائين اُن گهر کي ڦاهيو نٿو وڃي- هو سنگدل ڌاڙيل آهي، جيڪو يتيم ڪان پئسو ڦرڻ ۾ بہ هيڪ محسوس نٿو ڪري. هو عجيب ۽ غريب آهي جنهن جو وات ڳجهہ جهڙو، چنبا چيتي جهڙا، ڏند بگهڙ جهڙا ۽ ڦوڪار نانگ جهڙي آهي- اوهان هن ڪان ڪتاب کسي وٺو. هن جا ڪپڙا ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيو، هن جي ڏاڙهي پٽي وٺو، جيئن ڪيئو

تيئن ڪريوس ۽ پوءِ هن جي هٿ تي بس هڪ ديئار رکندؤ تہ هو اوهان کي معاف ڪري ڇڏيندو ۽ هن جــي چپن تي محبت جي مرڪ ڪيڏڻ لـڳندي. توهان هن جي ڳلن تي چمائون هڻو، هن جي منهن تي ٽڪون هڻو، ڳاي مان جهلي ڌڪا ڏيئي ۽ تنهن کانپوءِ هن کي دسترخوان تي ويهاريو تہ هو سڀ ڪجهہ معاف ڪري ڇڏيندو، هن جو چهرو خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳندو ۽ هو توهانجي ماني کائڻ لاءِ ڪمربند ڊرو ڪري اچي ويهندو. توهان ٻاي هن جي معبود کي گهٽ وڌ چئو، هن جي عقيدن تي لعنت وجهو، هن جي ايمان تان ٺٺوليون ڪريو ۽ پوءِ ڪيس هڪ دلو شراب جو يا هڪ پليٽ سوي جي آماڻي ڏيو تہ هو اڳوڻيون ڳالهيون وساري ڇڏيندو ۽ اوهان کي خدا جو نيڪ بندو قرار ڏيئي ڇڏيندو. هو عورت کي ڏسيو منهن ڦيريو ڇڏي ۽ بلند آواز ۾ چوي ٿو:

”مون کان هتي پري ٿي بيهہ بابل جي ڌي!“

پر دل ۾ چوي ٿو:

”ازدواجي زندگي تجربي کان بهتر آهي“.

هو نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي، پريم ۾ مست هٿڙو هٿ ۾ ڏيو هلندي ڏسي ٿو تہ آسمان ڏانهن منهن ڪري چوي ٿو، ”هي باطلن جو باطل آهي، هن آسمان جي هيٺان هر شئي باطل آهي“. پر نوڪلائيءَ ۾ تڏا ساهہ کڻندي چوندو آهي، ”خدا ڪري هي قانون

فنا ٿي وڃن، هي ريتون رسمون برباد ٿي وڃن جيڪي مومن کي دنياوي خوشين کان پري رکن ٿيون ۽ زندگيءَ جون لذتون موٽتي حرام ڪن ٿيون“.

هو ماڻهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

”توهان ڪنهن جا حاڪم نه ٿيو مٿان اوهان کان انجو بدلو نه ورتو وڃي پر پاڻ ڏاڍي بي رحميءَ سان فيصلا ڪندو آهي جيڪا هن جي مڪاريءَ جي ڪڙي آهي ۽ هن جي روح کي جهنم ۾ موڪلي ٿو آن کان اڳ جو موت هن کي زندگيءَ کان محروم ڪري ڇڏي، هو هر هر آسمان ڏانهن هٿ آڃا ڪري اوهان سان ڳالهائي ٿو پر هن جا خيال نانگ وانگر اوهان جي چوطرف ڦرندا رهن ٿا، هو اوهانکي، ”منهنجا ٻچا، منهنجا پٽ“- ڪري سڏي ٿو پر شفقت کان صفا اڻ واقف هوندو آهي- هن جا چپ ڏيج ٻواڪ ٻار لاءِ ڪڏهن به نه ٽـا مرڪن ۽ هـو ڪڏهن به ٻار کي پنهنجي گود ۾ نٿو کڻي- فقط ڪنڌ ڌوڻي، ڪوڙي ڏڪ کلندي اوهان کي چوندو رهندو آهي ته، ”اسان کي ڪائنات جـي هر شئي کان ”بلند هئڻ گهرجي، پوءِ ڀلي اسانجو جيون ڪوهيڙي وانگر فنا ٿي وڃي ۽ اسان جا ڏينهن راتين جي انڌيري وانگر گذري وڃن“- پر جيڪڏهن توهان ٽيان سان ڏسندا ته هو اوهان کي ڪنهن گند جي ڪنهن ڍير وانگي بدبـودار، ڪاڪ جي گذري وڃڻ تي پڇتائڻ وارو، ڏينهن جـي توزيءَ

منجهان بيزار، سچائيءَ جي اڇڻ جي اوسيئڙي ۾ نظر
ايندو. هو اوهان منجهان احسان جي اميد رکي ٿو،
جڏهن ته هن وٽ گهڻي دولت آهي جيڪڏهن اوهين
هن جي طلب پوري ڪندؤ ته هو اوهان جي لاءِ رحمت
۽ برڪت جي دعا ڪندو ۽ جيڪڏهن ٽاري ويندؤ ته
دل ئي دل ۾ توهان تي لعنت وجهندو. ديول ۾ هو
اوهان کي فقيرن ۽ محتاجن جي پرگهور لهڻ جي تلقين
ڪري ٿو جڏهن ته هن جي گهر جي چوڌاري بکايل
ريهون ڪندا ٿا رهن ۽ هن جي اکين جي سامهون
مايوسين ۽ نامرادن جا هٿ ڦهلجندا رهن ٿا پر هو نه
انهن ڏانهن نهاريندو آهي ۽ نه ئي انهن جي ٻڌندو
آهي، هو پنهنجون دعائون وڪڻندو آهي ۽ جيڪو انهن
کي خريد نٿو ڪري اُن کي هي خدا جو منڪر ۽
باغي قرار ڏئي ٿو. هن جي خلاف جنت ۽ ان جي
لذتن کان محروميءَ جون فتوائون جاري ڪري ٿو.

عيسائيو! هيءَ اها مخلوق آهي جيڪا اوهان کي
ڏيکاري ٿي، فقيرو! هي اهي پادري آهن جيڪي اوهان
جو رت چوسين ٿا، هي اهي شخص آهن جيڪي ڪاٻي
هٿ سان صليب جو نشان ڏاهي ۽ ساڄي هٿ سان
اوهان جي دلين کي نپوڙين ٿا، هي آهي جن کي
اوهان خدمت لاءِ مقرر ڪريو ٿا پر هو آقا بڻجي وڃن
ٿا، اوهان ڪِس مقدس پادري بڻايو ٿا پر هو شيطان
جي صورت اختيار ڪريو وٺن. جنهن کي اوهان عزت

جو آڇو مرتبو بخشيو ٿا پر هو هيچي ۽ لالچي بڻجيو وڃن، هي اهو ئي ٻاچو آهي جيڪو هن جهان ۾ اچڻ کان وٺي ابديت تائين اوهان جي پويان لڳو وتي، هي اهو شخص آهي جيڪو اڄ مون کي سزا ڏيڻ ۽ رسوا ڪرڻ آيو آهي، ان ڏوهه ۾ ته منهنجي روح مسيح ناصري جي دشمن خلاف بغاوت ڪئي آهي، جيڪو اوهان سان محبت ڪري ٿو، جيڪو اوهان کي پنهنجو ڀاءُ سڏي ٿو ۽ اوهان جي خوشيءَ کان ”مرڪندي سوريءَ چڙهيو“.

قيدي جوان جو منهن ٻهڪڻ لڳو، هن محسوس ڪيو ته ”ٻڌندڙن جي دلين ۾ روحاني سجاڳي ڪر موڙي رهي آهي، جڏهن هن ڏٺو ته ”ٻڌڻ وارن جي چهرن تي سندس تقرير جو اثر ظاهر ٿيو آهي. هن جو آواز پهرينءَ کان ”بلند ٿي ويئي ۽ هن ڪلام جو سلسلو جاري رکندي چيو:

”ڀائرو! اوهان ”ٻڌو هوندو ته امير امين شهابيءَ شيخ عباس کي هن ڳوٺ جو سردار مقرر ڪيو آهي ۽ اوهان کي اها به سڌ هوندي ته هن ملڪ جي بادشاهه امير امين شهابيءَ کي هن ڪوهستاني علائقي جو حاڪم مقرر ڪيو آهي، پر ڇا اوهان ان قوت بابت ڪجهه ”ٻڌو يا ڏٺو آهي جنهن شهنشاهه کي هن ملڪ جو والي بڻايو؟ اوهان ان غيبي قوت کي نٿا ڏسي سگهو ۽ نه ئي ان سان ڳالهائي سگهو ٿا، پر پنهنجي

روح جي گهرائين ۾ ان جي وجود کي محسوس ڪريو
ٿا، نهايت انڪساري سان ان جي سامهون سجدو ڪريو
ٿا ۽ اهو چئي کيس سڏيو ٿا، "اسان جو پيءُ جيڪو
آسمان ۾ آهي!!" ها اهو ئي توهان جو آسماني پيءُ،
جيڪو شهنشاهه ۽ اميرن کي مقرر ڪري ٿو، هو هر
شيءِ تي قادر آهي، پر ڇا اوهان جو عقيدو اهو آهي
ته اوهان جو پيءُ جيڪو اوهان سان محبت ڪري ٿو
۽ پنهنجي موڪليل پيغمبرن جي وسيلي اوهان کي حق
۽ سچائيءَ جي راهه ڏسي ٿو، سو چاهي ٿو ته اوهان
مظلوم ۽ محڪوم بنجي جيئو؟ ڇا اوهان جو عقيدو
اهو آهي ته خداوند پاڪ جيڪو ڪڪرن مان مينهن
وسائي ٿو، آن آپائي ٿو ۽ گل ۽ ميوا پيدا ڪري ٿو،
سو اهو چاهيندو ته اوهان پيٽ بکيا ۽ انگ اگهاڙا
هجو ته جيئن اوهان منجهان ڪو هڪ شخص غرور
۽ شان واري حياتي گذاري ۽ دنيا جي هر لذت مان
مزو ماڻي؟ ڇا اوهان جو عقيدو اهو آهي ته سرمدي
روح جيڪو زال سان محبت، اولاد سان پيار ۽ پاڙوسي
توڙي مائٽن سان پيار نوڙت جو سلوڪ ڪرڻ سيکاري
ٿو، سو اوهان تي هڪ بي رحم حاڪم مقرر ڪري،
جيڪو اوهان تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪري ۽ اوهان جي
ڏينهن توڙي راتين کي قيد ڪري وڏي؟ ڇا اوهان جو
عقيدو اهو آهي ته شروعاتي مشهوري جيڪا نور حيات
کي اوهان وٽ محبوب بنائي ٿي، اوهان کي هڪ

Scanned with CamScanner

اهڙي عطيي سان نوازي ٿي جيڪو موت جي انڌيري
کي اوهان لاءِ وڻندڙ بڻائي ٿو؟ ڇا اوهان جو عقيدو
اهو آهي ته فطرت اوهان جي جسمن ۾ جيڪا سگهه
سمائي آهي، اها ان لاءِ آهي ته اوهين ڪمزوريءَ جي
سامهون ڪيس رسوا ڪريو؟ نه! اوهان انهن شين تي
اعتقاد نٿا رکو، ڇو ته جيڪڏهن اوهان انهن تي اعتقاد
رکيو ته خداوند- انصاف جي پوئيواري ڪندو، جيڪو
سڀني انسانن لاءِ آهي ته پوءِ اها ڪهڙي شئي آهي،
جنهن جي ڪري اوهان پنهنجي نفس جي خلاف
بي ايمانن جو ساٿ ڏيو ٿا ۽ ان خداوندي حڪم کان
ڇو ٿا ڏڄو، جنهن اوهان کي هن جهان ۾ آزاد ڪري
موڪليو آهي؟ پوءِ اوهان غلاميءَ جو طوق پنهنجي
ڳچيءَ ۾ ڇا لاءِ ٿا وجهو؟ اوهان ڪهڙي طرح خداوندي
قهار ڏانهن نگاهه ڪري ڪيس پيءُ ڇئي پڪاريو ٿا ۽
هيٺين انسانن اڳيان ڪنڌ جهڪائي ڪيس پنهنجو معبود
تسليم ڪريو ٿا- خدا جا پٽ- انساني غلاميءَ تي
ڪيئن راضي رهي سگهن ٿا؟ ڇا اوهان کي مسيح
پنهنجو پاءُ ڪري نه سڏيو آهي، پوءِ اوهين شيخ عباس
کي پنهنجو آقا ڇو ٿا سڏيو، ڇا مسيح ناصري اوهان
کي حق ۽ روح جي روشنيءَ ۾ آزاد ڪونه ڪرايو
آهي، پوءِ ڪو امير توهان کي ظلم ۽ فساد لاءِ ڪيئن
غلام بڻائي ٿو؟ ڇا مسيح ناصري جا ڪنڌ آسمان
ڏانهن ”بلند ڪونه ڪيا هئا، پوءِ اوهان انهن کي

زمين طرف ڇو ٿا جهڪايو؟ ڇا مسيح اوهان جي دلين ۾ جوت ڪونہ جلائي هئي پوءِ اوهان اوندهہ انڌڪار ۾ ڇو پيا جيئو؟

خداوند! اوهان کي پُٽ ۽ ڌيئرون عطا ڪيون، جيئن اوهان انهن جي حق جي راهہ پاسي رهنمائي ڪريو، وجود جي گيتن سان انهن جا سينا لبريز ڪريو ۽ اها زندگيءَ جي اها ميراث انهن لاءِ ڇڏي وڃو- پوءِ اوهان انهن کي زماني جي هٿن ۾ مُردن وانگر ڇڏي، ديس ۾ پرديسي بنائي، کين دنيا ماسهون بدبخت ۽ نامراد ڪري مرو ٿا- ڇا اهو ييءُ جيڪو پنهنجي آزاد پُٽ لاءِ ميراث ۾ غلامي ڇڏي ٿو، آن پيءُ وانگر ڪونهي جنهن کان پُٽ ماني گهري تہ هو آن کي پٿر جو ٽڪرا هٿ ۾ ڏئي؟ ڇا اوهان ڪونهي ڏٺو تہ باغن ۾ جهرڪيون ٻچن کي اڏامڻ سيکارينديون آهن- پوءِ اوهان پنهنجي اولاد کي غلاميءَ جو طوق پائڻ جو سبق ڇو ٿا ڏيو؟ ڇا اوهان ڪونہ ڏٺو آهي تہ ساڻريءَ جا گل پنهنجن ٻچن کي سج جي روشني حوالي ڪن ٿا، پوءِ اوهان پنهنجن ٻچن کي رات انڌيري حوالي ڇو ٿا ڪريو؟"

خليل گهڙي کن لاءِ خاموش ٿي ويو، ائين پئي لڳو ڄڻ هن جي فڪر ۽ جذبن ۾ ايتري گهرائي پيدا ٿي وئي هئي، جنهن کي هو لفظن جو ويس ڍڪائي نہ ٿي سگهيو- ٿوري دير کان پوءِ هوريان هوريان

چوڻ لڳو:

”اها ڳالهه جيڪا هينئر اوهان مون کان ٻڌي آهي، اُن ئي ڳالهه جي ڪري پادري منهنجا دشمن ٿي پيا ۽ هنن مون کي ديول مان ڌڪي ڪڍيو ۽ اهو روح جنهن کي اوهان پنهنجي دلين ۾ ڪَر موڙيندي محسوس ڪريو ٿا اهو ئي روح آهي جنهن منهنجون ٻانهون ٻڌي اوهان جي سامهون آڻي بيهاريو آهي، هاڻي جيڪڏهن اوهان جي ڳوٺ جي سردار يا ديول جي پادريءَ مون تي حملو ڪيو ۽ مون کي ماري وڌو ته آءٌ ڏاڍي سڪون ۽ مانَ سان مرندس- ان لاءِ ته مون سچي سچائي اوهان اڳيان بيان ڪري ڇڏي آهي، اها سچائي جنهن کي ظالم ناقابل معافي ڏوهه سمجهي ٿو ۽ بس مون پنهنجي پروردگار جي منشا پوري ڪري ڇڏي“-

خليل جي تقرير جاري هئي، هن جي بُلند آواز منجهه هڪ طلسمي گيت جهڙو ميٺاج پريل هو، جنهن جي اثر ڪري ٻُڌڻ وارن جي دلين ۾ بي چيني پيدا ٿي وئي هئي. اُن غير معمولي واقعي وانگر، جيئن اندي کي هڪدم ٻئي اکيون موٽي ملڻ تي خوشي ٿيندي آهي- ان جي ميٺاج عورتن توڙي مردن جون دليون ڪٺي ورتيون، ۽ هو جيڪي ڳوڙهن هاڻين اکين سان ٻيٺا هن کي گهوري رهيا هئا، پر شيخ عباس ۽ پادري الياس گهٽي ڪاوڙ ڪري ڏڪي رهيا هئا، ڪنڌن

جي سوچ تي ويٺا هرَ هرَ پاسو بدلائي رهيا هئا ۽ انهن پنهنجي چاهيو ٿي ته نوجوان تقرير بند ڪري، پر اهو هنن جي وسَ کان ٻاهر هو ڇو ته هو ميڙ کي آن آسماني سگهہَ سان مخاطب ٿي رهيو هو، ۽ پنهنجي ارادي تي پهاڙ وانگر پختو ۽ اٽل هو.“

جڏهن خليل ڳالهہ پوري ڪئي ته پوءِ هو ٻہ چار قدم هٽي پويان ٿي بيٺو، فضا ۾ سانت ڇانيل هئي، ايئن پئي لڳو ڄڻ هنَ جو روح جيڪو ويڪري ميدان ۾ ڦري رهيو هو، تنهن ڳوٺاڻن جي سوچ جو منهن هڪ ڏورانهن مقام ڏانهن ڦيري ڇڏيو آهي، شيخ عباس ۽ پادريءَ جي روحن جي فڪر ۽ ارادي جي سموري سگهہَ کسي، انهن جي ڪنبندڙ دلين ۾ وسوسن کي سامهون اچي بيهاريو آهي.

آخرڪار شيخ عباس پاڻ تان ماٺ جو منڊ لاٿو، ”هن جون ”مٺيون ”ڪاڻ ۽ بند ٿيڻ لڳيون، هن جو منهن هيٺڀو ٿي ويو، هن پنهنجي گهٽيل آواز ۾ چوڌاري بيٺل ماڻهن کي للڪاريو، ”ڪتا! اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ ڇا اوهان جون دليون زهر سان ڀرجي چڪيون آهن ۽ اوهان جا جسم ڏڏا ٿي چڪا آهن، جو اوهان هن ڪافر کي جيڪو اسان جي مقدس مذهب ۽ حڪومت تي ٺٺوليون ڪري رهيو آهي ان کي ائين ڳيا ڳيا نسا ڪري ڇڏيو.... ڇا هن شيطان جي روح اوهان جي روحن کي بہ وڪوڙي ورتو آهي ۽ پنهنجي

جهنمي طلسم مان اوهان جي ٻانهن کي جڪڙي ڇڏيو
اٿس جو اوهان هن تي دسٽ نٿا ڪڻو". هن ايئن چئي
ڇڪي ميان مان تلوار ڪڍي، جيڪا هن جي چياهه
۾ بدل هئي ۽ نوجوان ڏانهن وڌيو ته جيئن هن کي
ڏڪ سان پورو ڪري ڇڏي- اڃان هن ۾ نئي وڪون
مس کنيون ته ميڙ مان نڪهو متارو شخص اڳيان وڌيو
۽ چوڻ لڳو:
"پنهنجي تلوار واپس مياڻ ۾ رک ڇو ته تلوار جو
بدلو تلوار سان ڏنو ويچي ٿو."
شيخ عباس ڪنبي ويو، تلوار هن جي هٿ مان
ڇڏائجي ويئي ۽ زور سان رڙ ڪري چيائين، "چا!
ڪمزور غلام پنهنجي مالڪ جي دلي خواهش جي اڳيان
رڪاوٽ بنجي سگهي ٿو."
هن ورندي ڏني، "نيڪ خادم پنهنجي مالڪ جي
ظلمن ۽ شرارتن ۾ هن جو ساٿ نٿو ڏيئي سگهي، هن
نوجوان سواءِ سچ جي ٻيو ڪجهه به نه چيو آهي ۽
جيڪو ڪجهه اسان جي سامهون چيو اٿس، سو سڀ
سچ آهي-"
ٻيو شخص اڳيان وڌيو ۽ چوڻ لڳو، "هن نوجوان
ڪابه اهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي آهي، جنهن جي
ڪري هن کي سزا ڏجي، پوءِ تون هن تي ظلم ڪرڻ
چو ٿو چاهين"-
هڪ عورت اڳيان وڌي بلند آواز ۾ چيو، "هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نه ته مذهب لاءِ گهٽ وڌ ڳالهايو آهي ۽ نه ئي خدا کي گهٽ وڌ چيو اٿس، پوءِ تون ڇو ٿو هن کي ڪافر چوين-"

اهو سڀ ڪجهه ٻڌي راحيله جي همت وڌي ۽ اڳيان وڌي چيائين، "هن نوجوان جيڪو ڪجهه چيو آهي، اهو اسان جي زبان سان چيو آهي، هن اسان جي مظلوميت جي ترجماني ڪئي آهي، جيڪر ان لاءِ ڪو هن سان زيادتي ڪندو ته اهو اسان جو دشمن ليکبو"-

شيخ عباس ڏند ڪرٽيندي چيو، "بدبخت ٻيوهه! تو کي سرڪشيءَ جي همت ڪيئن ٿي، ڇا تون وساري ڇڏيو آهي ته اڄ کان پنج سال اڳ مون سان بغاوت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ تنهنجي مڙس جو ڪهڙو حشر ٿيو هو."

اهو ٻڌي راحيله ڇرڪي پئي ۽ ان شخص وانگر ڊپ کان ڏڪڻ لڳي، جنهن کي ڪو ڳجهو راز معلوم هجي، هيءَ موڙ ڏانهن منهن ڪري بلند آواز ۾ چوڻ لڳي، "اوهان ٻڌو! قاتل ڪاوڙ ۾ آپي کان ٻاهر نڪري، پنهنجي ڏوهه جو قبولدار ٿي رهيو آهي، ڇا اوهان کي ياد ڪونهي ته منهنجو مڙس پنهن ۾ مئل حالت ۾ لٽڪيو ويو هو، اوهان قاتل جي ڳولا ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو هو پر هو نه مليو، ڇاڪاڻ ته هو ان چوديواريءَ اندر روپوش هو. جيڪا غريبن سخت محنت ڪري اڏي آهي. ڇا اوهان کي ياد

ڪونهي تہ منهنجو مڙس هڪ دلير شخص هو؟ ڇا اوهان هن ڪي شيخ عباس جي مڪارين جو ذڪر ڪندي، هن جي بداعمالن جو ڀانڊو ڪوليندي ۽ هن جي سنگدليءَ کان بغاوت ڪندي ڪونہ ٻڌو ۽ ڏٺو هو، خدا اوهان جي پاڙيسري ۽ ڀاءُ جي قاتل جي چهري تان پردو لاهي، آن ڪي اوهان جي سامهون آئي بيهاريو آهي، هن ڏانهن ڏسو هن جو ڏوهہ هن جي هٿن منهن مان ٻڪي رهيو آهي، ڏسو! ڪيترو نہ بي چين نظر اچي رهيو آهي، ڏيان سان ڏسو! هن پنهنجو منهن ٻنهي هٿن ۾ لڪائي ڇڏيو آهي ان لاءِ تہ متان هن جون نگاهون اوهان جي نگاهن سان نہ ملن، جيڪي هن تي ڪتل آهن- ڏسو طاقتور آقا وڏيل ٿاريءَ وانگر ڏڪي رهيو آهي، ڏسو عظيم‌الشان سردار اوهان جي سامهون ڏوهاريءَ جي حيثيت ۾ بيٺو ڪنبي رهيو آهي- توقع جي خلاف الله هن قاتل جو راز فاش ڪري ڇڏيو، جنهن کان اوهين ڊڄو ٿا ۽ اوهان سڀني کي هن جي ٻيڇڙاين کان واقف ڪري ڇڏيو، جنهن مون کي مهاڳڻ مان ڏهاڳڻ بنائي ڇڏيو ۽ منهنجي ٻارڙيءَ کي يتيم...."

راحيلہ زور زور سان فرياد ڪري رهي هئي، هن جا لفظ هٿوڙي وانگر شيخ عباس جي مٿي تي وسي رهيا هئا، ماڻهن جون رڙيون، عورتن جون دانهون باهہ جي شعلن وانگر هن جي چوڌاري ڀڙڪي رهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هون تہ پادري آئيو ۽ شيخ عباس کي ٻانهن کان جهلي ڪرسيءَ تي ويهاريائين ۽ ڪاوڙ مان ڪنبدڙ آواز ۾ خادمن کي حڪم ڏيندي چيائين تہ، ”هن عورت کي جهليو جيڪا اوهان جي سردار تي ڪوڙو الزام هڻي رهي آهي ۽ ڪافر نوجوان کي جهلي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪريو، جيڪو بہ اوهان کي ائين ڪرڻ کان روڪيندو سو آن ڏوهہ ۾ برابر جو شريڪ سمجهيو ويندو ۽ هن وانگر مقدس ڪليسا منجهہ داخلا کان محروم رهجي ويندو“.

خادم پنهنجي جاين تان ذرو بہ ڪونہ چُريا ۽ نہ ئي پادريءَ جي حڪم جي پيروي ڪيائون، پر بي ُسدِ ٿيا بيٺا رهيا ۽ پانهون ہٽل خليل، راحيل ۽ مريم کي گهوريندا رهيا، جيڪي خليل جي سڄي ۽ کٻي بيٺيون هيون، چڻ ہن پترن وانگر جن کي ُهن آڌامڻ لاءِ ۽ ڪڪرڻ تائين پهچڻ لاءِ کولي رکيو هجي“.

ان وقت پادريءَ جي اها حالت هئي جو سندس ڏاڙهي ڪاوڙ ڪري ڪنبي رهي هئي ۽ ان حالت ۾ هن چيو، ”ڪميڻو! ڇا اوهان پنهنجي مالڪ جي رحمت ۽ برڪت کان انڪار ڪريو ٿا، هڪ ڪافر ۽ ڏوهاري نوجوان ۽ بدڪار رنڙ جي حڪم جي ميچتا ٿا ڪريو“.

هڪ خادم جيڪو عمر ۾ ہن کان وڏو هو تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيو، ”اسين آئي، لئي ۽ آجهي عيوض شيخ عباس جي خدمت ڪندا هئاسين – سندس جا زرخريد ٻانها ڪين هئاسين“.

هن پنهنجي وردي ۽ شال لاهي شيخ جي سامهون رکي ۽ چيائين، ”آئون هنن ڇيچڙن سان پنهنجي جسم کي ڍڪڻ نه ٿو چاهيان، جنهن جي ڪري منهنجو روح قاتل جي گهر ۾ عذاب ۾ مبتلا آهي“.

ٻين خادمن به هن جي پيروي ڪئي ۽ هارين جي ميڙ سان وڃي مليا، سندن چهرن تي آزاديءَ جي جوت جلي رهي هئي.

جڏهن پادري الياس ڏٺو ۽ محسوس ڪيو ته هن جو ڪوڙو اقتدار ختم ٿي چڪو آهي ته ان گهڙيءَ کي برو ڀلو چوندو ان هنڌان روانو ٿي ويو ۽ ان پاسي وڃڻ لڳو جتان ڪان خليل ڳوٺ ۾ گهڙيو هو.

ان مهل ميڙ مان هڪ شخص اڳيان وڌيو، هن خليل جون رسيون ڪولي ڇڏيون ۽ پوءِ شيخ عباس ڏانهن ڏٺائين، جيڪو بي سڌ ٿيو ڪرسيءَ تي پيو هو، عزم ۽ ارادي سان ڀرپور هن شيخ عباس کي مخاطب ٿيندي چيو:

”جنهن نوجوان کي گرفتار ڪري تو آن لاءِ گهرايو هو ته جيئن تون هڪ ڏوهاريءَ وانگر ڪيس پنهنجي ظلم جو نشانو بڻائي سگهين، پر تنهن اسان جي دلين کي روشن ڪري حق ۽ صداقت جي راهه

Scanned with CamScanner

ڏانهن ڦيري ڇڏيو آهي ۽ هي بدقسمت وڏوا جنهن کي تون بدڪار ۽ ڪوڙو ڏو ڪرڻين تنهن اسان جي اڳيان اهو ڀوائتو راز فاش ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو پنجن ورهين کان اسان جي اکين کان اوجهل رهيو. اسين ان لاءِ ڊڙندا آياسين ته هڪ بي گناهه کي سزا ملندي ڏسي سگهون ۽ انصاف پسند تي ظلم ڪريون، پر هاڻي اسان جون اکيون کُلي چڪيون آهن ۽ خدا پاڪ تنهنجا گِجها گناهه ۽ ڀيانڪ ظلم اسان تي پڌرا ڪري ڇڏيا آهن. اسين تو کي اڪيلو ڇڏي ٿا ڏيون ۽ تو کان ڪوبه بدلو ڪرڻ ٿا وٺون، تنهنجي انسانيت سوز حرڪتن کي نظرانداز ڪري، تو کي خدا جي منشا موجب اڪيلو ڇڏي، تو کان ڏار ٿي ٿا وڃون".

چئني طرفن کان مردن، عورتن، ٻُڍن ۽ ٻارن جا آواز بُلند ٿي رهيا هئا، ڪو چئي رهيو هو ته، "اچو ته هن گناهه سان ڀريل جڳهه، سان نڪري پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي هلون".

ڪو چئي رهيو هو ته، "اچو! هن نوجوان سان گڏ راحيلم جي گهر هلون، ميٺا ۽ ڏاهن ڀريا گفتا ٻڌون". ڪو وري وڏي واڪ چئي رهيو هو، "اسان کي خليل جي مرضيءَ موجب هلڻ کپي ڇو ته هو اسان جي ضرورتن کان چڱي طرح واقف آهي ۽ اسان جي مطالبن کي چڱي طرح سمجهي ٿو".

ڪو وري راءِ ڏيئي رهيو هو ته، 'جيڪڏهن اسان انصاف چاهيون ٿا ته اسان کي کپي ته اسين سڀاڻي امير جي وٽ هلون ۽ کيس شيخ عباس جي ڏوهن کان پوري طرح واقف ڪريون ۽ کانئس مطالبو ڪريون ته هن کي سخت سزا ڏئي'. ڪو وري رڙيون ڪري چئي رهيو هو، 'اسان کي کپي ته امير جي خدمت ۾ حاضر ٿي گذارش ڪريون ته خليل کي هن ڳوٺ جو سردار مقرر ڪري'. ڪو وري چئي رهيو هو، 'اسان کي بشپ وٽ وڃي پادري الياس جي شڪايت ڪرڻ کپي ته هو به شيخ عباس سان سندس ڏوهن ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي'.

چئني طرفن کان ڀانت ڀانت جا آواز اچي رهيا هئا ۽ تيز رفتار تير بڻجي شيخ عباس جي سيني ۾ چڀي رهيا هئا، ته خليل پنهنجو هٿ مٿي کڻي اشارو ڪري، سڀن کي خاموش ٿيڻ لاءِ چيو:

"ڀائرو! ڏسو ۽ سوچيو! آئون اوهان کي پنهنجي محبت جو واسطو ٿو ڏيان ته تڪڙ نه ڪريو ۽ امير وٽ نه وڃو، هو شيخ عباس کي سزا ڪونه ڏيندو، ڇو جو درندا هڪٻئي کي شڪار نه ڪندا آهن. بشپ سان به پادريءَ جي شڪايت ڪرڻ اجائي آهي ڇو جو کيس خبر آهي ته اهڙي طرح هن جو پنهنجو گهر برباد ٿيندو ۽ امير کي اها گذارش به نه ڪريو ته هو مون کي ڳوٺ جو سردار مقرر ڪري ڇو ته امانت دار خادم بي ايمان آقا جي اعانت نٿو ڪري

مڱيي. جڏهن آئون اوهان جي ڏيان ۽ محبت جو لائق آهيان ته مون کي پاڻ سان گڏ رهڻ جي اجازت ڏيو ته جيئن آءٌ ڏکن توڙي سکن ۾ اوهان سان گڏ هجان. هنيءَ جي ڪمن ڪارين، گهر جي سک ۽ سانت ۾ پاڳي پائيدار هجان ڇو ته جڏهن آءٌ اوهان مان هڪ جي به ڪم نه آيس ته انهن مڪارن جي مثل هوندس، جيڪي شرافت جو چوغو پهريو بد معاشيون ڪندا ٿا وتن. هاڻي ڪهاڙي وڻ جي پاڙ تي رکي ويئي آهي. اڇو! شيخ عباس ڪي آن خدا جي دربار ۾، جنهن جو سڄ ٻري پتلي هنهي جي لاءِ لهي آيڙي ٿو، خود ڪيس سندس ضمير جي عدالت ۾ چڙدي هليا هلون".

اهو چئي هو آتان هلڻ لڳو، ميڙ به هن جي پويان پويان هلڻ لڳو، ايئن پي لڳو ڄڻ هن جي شخصيت ۾ هڪ طلسمي ڇڪ هئي، جنهن جڏانهن به منهن ٿي ڪيو، لڳاهون پاٺمراد و اوڏانهن ڪجي ٿي وڃن. هاڻي شيخ عباس هڪ ڊٺل قلعي وانگر اداس ۽ اڪيلو رهجي ويو. هو هڪ شڪست کاڌل سپهه سالار وانگر پيڙا ۾ مبتلا هو. جڏهن هي ميڙ ديول جي اڱڻ ۾ پهتو ته چنڊ پنهنجي پوري جوڀن سان چمڪي رهيو هو ۽ پنهنجا روشن ڪرڻا آسمان جي بلندين ۽ زمين جي گهراين ۾ پکيڙي رهيو هو. خاطل "مڙي پويان ڏٺو، هن جون نگاهون انهن مردن ۽ عورتن جي چهرن

تي پيون، جيڪي هن کي ايئن تڪي رهيا هئا، جيئن ريڍن ٻنهنجي ڏنار کي تڪينديون آهن، هن جي روح ۾ هڪ جوش جنم ورتو. ايئن پئي اڳو ڄڻ انهن غريب ٻوڙائن منجهه هن کي مظلوم قومن جي تصوير نظر اچي رهي هجي ۽ جيئل برف سان ڍڪيل ننڍين ننڍين جهوپڙين ۾ ذلت ۽ بي وسيءَ سان لبريز پاڇو ڏسڻ ۾ پئي آيو. هو ٻهي رهيو، ان پيغمبر وانگيان جيڪو قومن جون آهون ۽ دانهون ٻڌندو هو، هن جي اکين ۾ گهرائي پيدا ٿي ويئي، ڄڻ هن جو روح اوير جي سڄي قومن جي ٻچيءَ ۾ غلاميءَ جو ڀت پاتل ڏسي رهيو هجي. هن پنهنجو هٿ آسمان ڏانهن کنيو ۽ بلند آواز ۾ جيڪو چوڻين جي گوڙ جهڙو هو، چيو:

”اي آزاديءَ جي ديوي! اسين انهن بستين جسي گهرائن مان تو کي سڏي رهيا آهيون. اسان جي سڻ! هن انڌيري جي هر ڪنڊ مان اسان جا هٿ تو ڏانهن وڌي رهيا آهن. انهن کي ڏسي، اسين برف جي چپن تي، تنهنجي سامهون سجدا ٿا ڪريون. اسان تي رحم ڪر، تنهنجي عظمت ڀريءَ حضور ۾ اسين پنهنجي ابن ڏاڏن جو اهو اوچڻ ڦهلائي بيٺا آهيون، جيڪو انهن جي رت ۾ رڱيل آهي، پنهنجي شعور کي انهن قبرن جي مٽيءَ سان ڳڏي رهيا آهيون، جن ۾ اسان جي بزرگن جون هڏيون دفن ٿيل آهن، هو ترارون کڻي بيٺا آهن، جيڪي انهن جي اکين ۾ ٿنيون ويون هيون،

هو نيزا آيا ڪريو بيٺا آهن، جيڪي انهن جي سينن
۾ ٽنبيا ويا هئا ۽ اهي زنجيرون لٽڪائي رهيا آهن جن
سان انهن جا پير جڪڙيا ويا هئا- اسان جي زبان تي
اڄ به اها ئي دانهن آهي، جن ڪري انهن جا گلا
ويهي ويا هئا- اسان جي زبان تي به اهي ئي لفظ آهن،
جن انهن لاءِ قيدخانن جو انڌيرو ويتر پيو اُتو بنائي
ڇڏيو هو، اسان جي دلين مان به اهي ئي صدائون
نڪري رهيون آهن، جيڪي انهن جي دردن ماريل
دلين منجهان نڪرنديون هيون- اي آزاديءَ جي ديوي!
اسان جي سڏ تي ڌيان ڌر ۽ اسان جي التجا کي
قبوليت جو شرف عطا ڪر..... نيل جي مهاڙ کان وٺي
فرات جي چوڙ تائين، تو لاءِ ماڻهن جون دانهون،
دوزخ جي رڙين وانگر بلند ٿي رهيون آهن- پوٺن جي
پاسن کان وٺي لبنان جي دل تائين، موت جي ظلمن
کان ڪنبندڙ هٿ تو ڏانهن وڌي رهيا آهن- اي
آزادي! اسان ڏانهن ڌيان ڏي ۽ اسان کي ڏس!.....
ذلت ۽ محتاجيءَ جي پاڇي ۾ پيدا ٿيل جهوپڙين جي
"ڪنڊن ۾، تنهنجي سامهون سينو "کڻي رهيا آهن-
اي آزادي! هي سڀ ڪجهه ڏس ۽ اسان تي رحم ڪر.....
اسڪولن ۽ مدرسن ۾ تو کي ناسراڻ جواني سڏي رهي
آهي، مسجدن ۽ ڪليسائن ۾ فراموش ڪيل ڪتاب،
تو ڏانهن جهڪي رهيا آهن، عدالتن ۽ مجلسن ۾ ٿڏيل
قانون تو کي دانهين رهيا آهن- اي آزادي رحم ڪر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان کي چوڪارو ڏيار! اسان جي تنگ ۽ تاريڪ
بازارن ۾ واپاري زندگي وڪڻي ٿــو تہ جيئن ان جو
ملهہ اولهہ جي ڌاڙيلن جي حوالي ڪري، ڪير بہ
ڪونهي جيڪو ان کي سمجهائي تہ اسان جي ٻنين
۾ هاري هٿن سان زمين کوٽي ٿو ۽ ان منجهہ پنهنجي
دل جو ٻج پوکي، ان کي پنهنجن لڙڪن سان سيراب
ڪري ٿو، پر ڪيس ڪنڊن ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ڪين
ٿو ملي ۽ ڪوبہ ڪونهي جيڪو هن کي ٻڌائي تہ
اسان جي ويران ميدانن ۾ ”بدو“ اگهاڙن پيرن ۽ ننگن
جسمن سان هلندو آهي، ڪوبہ ڪونهي جيڪو هن تي
مهرباني ڪري ۽ پنهنجا چپ چوري، اي آزادي اسان
کي ٻُڌاءِ! ابتدا ڪان اڄ تائين، رات جو انڌيرو اسان
جي روحن تي مسلط آهي- آخر صبح ڪڏهن ٿيندو؟
اسان جــا جسم هڪ قيد مان ٻئي قيد خاني ۾ هليا
وڃن ٿا ۽ قومون اسان تان ٺٺوليون ڪنديون، اسان
جي پير مان لنگهيو وڃن ٿيون، آخر ڪيستائين اسين
قومن جون ٺٺوليون سهنداسين اسان جا ڪنڌ ڳري بار
ڪري جهڪندا ٿا وڃن ۽ دنيا جون قومون پريان
بيٺيون، اسان کي ڏسي ٺهڪ پيون ڏين- آخر ڪيستائين
اسين انهن جي ٺهڪن تي صبر ڪنداسين؟ اسان جــا
پيرَ هڪ ڪوڙڪيءَ مان نڪريو ٻي ڪوڙڪيءَ ۾
ڦاسي ٿا پون ۽ اهي ڪوڙڪيون ڪٿن ئي ڪونہ ٿيون
۽ نہ ئي اسين انهن جي وچ مان نڪري پار پهچي ٿا

سگهون. آخر ڪيستائين اسين آئين جيئندا رهنداسين؟ مصرين جي غلاميءَ کان وٺي بابل جي قيد ۽ بند تائين، ايرانين جي سنگدليءَ کان وٺي يونانين جي خدمتگاريءَ تائين. روم جي ذاڍ کان وٺي مغلن جي ظلم تائين، فرنگين جي لوڀ ۽ لالچ تائين.... آخر اسين ڪڏانهن وڃي رهيا آهيون. آخر هن اٿانگي وات جي پڇاڙي ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيندي؟

فرعون جي گرفت کان وٺي بنو نصر جي چار تائين، سڪندر جي گهوڙن جي سنبن کان وٺي هيروڊس جي تلوارن تائين، نيروءَ جي پنجن کان وٺي شيطان جي ڏندن تائين.... آخر اسين ڪنهن جي هٿ ڏانهن وڃي رهيا آهيون؟ــــ آخر اسين موت جي قبضي ۾ ڪڏهن پهچنداسين ته جيئن ابدي ننڊ ۽ سڪون سان سمهي سگهون؟ ماڻهن پنهنجن ديوتائن جي تعظيم ۽ عبادت لاءِ اسان جي ٻانهن جي طاقت سان ديول ۽ قربان گاهون جوڙايا آهن. انهن ديوارن ۽ قلعن جي اڏاوت لاءِ اسان پنهنجن ڪلهن تي پٿر ۽ مٽي ڍوئي آهي، انهن اسان جي جسمن جي قوت سان اهرام جوڙيا ته جيئن انهن جو نالو سدائين جي لاءِ جيئرو رهي. آخر ڪيستائين اسين پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي ٻين جي لاءِ محل ۽ حويليون اڏيندا رهنداسين ۽ خود غارن ۽ جهوپڙين ۾ پناهه وٺندا رهنداسين؟ ڪيستائين انهن جون ڇوڙيون پئسن سان ڀريندا رهنداسين؟ ڪيستائين انهن جي لاءِ

ريشم ۽ آن آڻيندا رهندا سين ۽ خود ڦاٿل ٽٽل چيچڙا پائيندا رهندا ڇن ــــ؟

انهن جي مڪارين ۽ دغا بازين ڪارڻ گهر گهر ڦوٽ پئي، خاندان هڪٻئي کان نفرت ڪرڻ لڳا ۽ قبيلا پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا! ــــ آخر ڪيستائين اسين بي رحم واچوڙي جي سامهون رک جي ڍير جيان آڏا مندا رهنداسون ۽ ان سڙيل لاش وٽ ٻڪايل ڳجهن وانگر انهن جي ڌن ۽ دولت لاءِ هڪٻئي سان وڙهندا رهنداسين.

انهن جي دلين جي اعتماد لاءِ درزي(۱) عربن جي خلاف هٿيار بند ٿي ويا آهن. ڪرد، بدر کي ڪهڻ لاءِ تيار آهن. احمدي عيسائين سان مقابلي لاءِ تيار ٿي ويا آهن. آخر ڌرتي ماتا جي سيني تي هڪ ڀاءُ ٻئي ڀاءُ سان ڪيستائون وڙهندو رهندو ــــ؟ محبوب جي قبر جي ڀر ۾ هڪ پاڙيسري ٻي پاڙيسريءَ کي ڪيستائين ڏيڇاريندو رهندو. خدا جي اکين جي سامهون هلال ۽ صليب ڪيستائين وڙهندا رهندا ــــ؟

اي آزادي اسان جي سڏ تي ڌيان ڌرا ۽ ٻڌ! اي زمين جي رهاڪن جي امڙ! اسان ڏانهن منهن ڪر ۽ ڏس! اسين تنهنجو ماٽيجو اولاد نه آهيون. اسان مان

---

(۱) درزي: اسلامي فرقو جيڪو اسماعيلن سان ملندڙ جلندڙ آهي ۽ شام جي ڪوهستاني علائقن ۾ آباد آهي.

ڪنهن هڪ فرد سان ڪلام ڪر- سڪل ڪکن ۽ پنن جو ڍڳ هڪ ئي چڻنگ سان پنوٽ ٻڇي ٿو- پنهنجي ٻانهن جي قوتڪائڻ سان اسان مان ڪنهن هڪ مرد کي سجاڳ ڪر، جو تہ ڪکر هڪ ئي نڪري مان وچ وراڪو ڪري ٿي ۽ ڪن پل ۾ ماڻرين جي گهراين ۽ نڪرين جي چوٽين کي روشن ڪري ٿي ڇڏي- پنهنجي همت ۽ ارادي سان ڪارن ڪکرن کي هٽائي ڇڏ ۽ وچ والڪر ڪيري، منجنيق وانگر انهن شاهي تختن جي پاين کي ڏاهي پٽ ڪري ڇڏ جيڪي خون ۽ لڙڪن ۾ ٻڌل هڏين ۽ کوپڙين تي قائم آهي ۽ هن تي ٽيڪس ۽ رشوتن جي آمدنيءَ جون سون چڙهيل آهي:

”ٻڌ! اي آزادي! رحم ڪر! اي اٿينس جي نياڻي اسان کي چوٽڪارو ڏيار! اي رومتہ الڪبريٰ جي ڌيڻ اسان جي مدد ڪر! اي محمد صہ جي محبوبہ! اسان ۾ سوچڻ ۽ سمجهڻ جو مادو پيدا ڪر!— اي يسوع مسيح جي ڪنوار اسان جي دلين کي سگهہ عطا ڪر تہ جيئن اسين جيئرا رهي سگهون يا اسان تي دشمن جي پڪڙ وڌيڪ سخت ڪر جيئن اسين مري وڃون ۽ هن عذاب کان ڇٽي پئون“-

خليل، الله کي ٻاڏائيندو رهيو ۽ هارين جون اکيون هن تي ڄميون پيون هيون- هنن جا آدما آن آواز جي لئہ تي نچي رهيا هئا- انهن جا روح هنن جي ساهہ

سان گڏ سهڪي رهيا هئا ۽ هنن جا سينا هن جي دل جي ڌڙڪن سان گڏ ڌڙڪي رهيا هئا. ان وقت خليل جي انهن ساٿين ۾ اها حيثيت هئي جيڪا جسم جي روح ۾ هوندي آهي. دعا ختم ڪرڻ کان پوءِ هنن ڏانهن ڏيان ڏيائين ۽ پرسڪون لهجي ۾ چوڻ لڳو:

”اڄ جي رات، اسان کي شيخ عباس جي گهر ۾ ان لاءِ گڏ ڪيو هو ته جيئن اسين ڏينهن جي روشني ڏسون، ۽ ظلم اسان کي ننڍي فضا جي سامهون آڻ لاءِ بيهاريو هو ته جيئن اسين هڪٻئي جا دوست بڻجي، جهرڪيءَ جي ٻچن وانگيان سرمدي روح جي ٻانهن ديڻان گڏ ٿي وڃون، سو هاڻ اسان کي گهرجي ته پنهنجن پنهنجن بسترن ۾ ان اميد سان وڃي سمهي پئون ته سڀاڻي پنهنجن ڀائرن سان ٻيهر ملنداسين“.

اهو چئي هو راحيل ۽ مريم جي پويان سندن جهوپڙيءَ ڏانهن روانو ٿي ويو. تنهن کان پوءِ سيڙ به ننڍي پڪڙي ويو ۽ هر شخص پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن انهن ڳالهين تي ويچاريندو روانو ٿي ويو جڪي هن ڏٺيون ۽ ٻڌيون هيون ۽ هڪ نئين زندگيءَ جا آثار محسوس ڪرڻ لڳو.

اڃا ڪلاڪ به ڪونه گذريو هو جو جهوپڙين ۾ ٻرندڙ ڏيئا وسامي ويا. خاموشيءَ پنهنجي چادر ڳوٺ تي وڇائي ڇڏي ۽ خوابن شيخ عباس جي روح کي ڇڏي ڏنو جيڪو رات جي پاڇن سان گڏ جاڳي رهيو

هو ۽ پنهنجي وسوسن جي چار ۾ ئي وس پيو هو ۽ هارين جي روحن کي هڪ طلسمي دنيا ۾ وٺي ويو.

8

ٻه مهينا ٻيا به گذري ويا، خليل برابر پنهنجي روح جي اسرارن کان ڳوٺاڻن کي واقف ڪندو رهيو. انهن جي حقن ۽ واجبن جا نازڪ پاسا انهن جي سامهون بيان ڪندو رهيو. لالچي پادرين جي زندگيءَ جو نقشو انهن جي اکيان پيش ڪندو رهيو. ظالم حاڪمن جا قصا انهن جي سامهون ورجائيندو رهيو. پنهنجن ۽ هنن جي آدمن ۾ هڪ مضبوط رابطو پيدا ڪندو رهيو جيڪي ان سرمدي قانون سان ملندڙ جلندڙ هئا جن جي خصوصيت اها آهي ته هڪ جسم کي ٻئي جسم سان ٻڌي ڇڏي ٿو. هاري هن جون ڳالهيون ٻڌي ايئن سرها ٿيندا هئا جيئن آڃايل ٻني مينهن وسڻ سان سرهي ٿيندي آهي ۽ اڪيلائيءَ جي گهڙين ۾ انهن ڳالهين کي ورجائي ان جي مقصد جي روح کي پنهنجي محبت جي جسم جو لباس پهرائيندا هئا. هو پادري الياس کان بلڪل بي ڊپا ۽ بي پرواهه هئا جيڪو پنهنجي حليف شيخ عباس جو ڏوهه ظاهر ٿيڻ کان پوءِ هن وٽ گهڻو اچڻ وڃڻ لڳو هو. هاڻي هو هن سان اهڙي ته نرميءَ سان پيش ايندو هو جهڙو ميڻ، نه ته هو سنگ مرمر کان به سخت

هو، پر شيخ عباس جي روح کي اهڙو مرض لڳي چڪو هو جنهن کي جنون سان ڀيٽي سگهجي ٿو، هو گهر جي هڪ ڪمري ۾ قيدي جيتري وانگر پسار ڪندو پنهنجي خادمن کي وڏي سڏ سڏيندو رهندو هو. پر پتين کان سواءِ ڪوبه هن کي ورندي نه ڏيندو هو. هو پنهنجي نوڪرن کي منٿون ڪري سڏيندو هو پر ڪوبه ڪونه ايندو هو سواءِ هن جي زال جي جنهن کي هن جي بدمزاجين وقت کان اڳ پوڙهو ڪري ڇڏيو هو.

جڏهن رمضان جو مهينو آيو ۽ فطرت بهار جي آمد جو اعلان ڪيو ته سردين جي واچوڙن سان گڏ شيخ عباس جي زندگي به ختم ٿي ويئي. هو هڪ ڊوائتي پيڙا واري چڪتاڻ ۾ مبتلا ٿي مري ويو ۽ هن جو روح پنهنجي عملن جا فائيل پاڻ سان گڏ کڻي اڏي ويو.

هارين ۾ هن جي موت بابت ڪافي چوٻول هو. ڪنهن چيو ٿي ته هن جو عقل هن کان موڪلائي ويو ۽ هو چريائپ جي حالت ۾ مئو آهي".

۽ ڪنهن وري چيو ٿي ته، "پنهنجي رتبي کان ڪرڻ کان پوءِ هن آپگهات ڪري ڇڏيو". پر اهي عورتون جيڪي سياڪو ڪرڻ شيخ عباس جي گهر ويون تن مڙني اچي پنهنجن مڙسن کي ٻڌايو ته هو ڊپ وگهي مئو آهي، آڌي رات جو شمعان جو روح رت

۾ پڌل ڪپڙن ۾ هن جي سامهون آيو ۽ نهايت نفرت ۽ بي رحميءَ سان هن کي ان هنڌ وٺي ويو جتي پنج سال اڳ شمعان مئل حالت ۾ لڌو هو.

اپريل جي بهار جي مُنڌ ڳوٺ جي رهاڪن تي آن محبت جو ڦوات ڦاڙي ڇڏيو جهڙو خليل ۽ راحيلہ جي ڏيءُ مريم جي دلين ۾ لڪل هو، انهن جا چهرا خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳا ۽ دليون خوشيءَ ڪارڻ آڇلون ڏيڻ لڳيون. هاڻي هنن کي نوجوان جي وچڻ جو ڊپ ڪونہ هو جنهن هنن جي مئل دلين کي سجاڳ ڪري هڪ اهڙي دائري ۾ آڻي بيهاريو هو. هو هڪٻئي کي مبارڪون ڏيڻ لڳا ڇو تہ نوجوان انهن مان هرهڪ جو ويجهو پاڙيسري ۽ محبوب ناٺي هو.

جڏهن لاباري جو وقت آيو تہ هاري کيتن ۾ ويا، لابارو ڪري، ان ڇاڻي، ڳنڍڙئين ۾ گڏ ڪيائون. هاڻي آتي شيخ عباس ڪونہ هو جيڪو هنن کان ان کسي پنهنجي گدامن ۾ رکي. هاڻ هر هاري پنهنجي ٻنيءَ جي پيداوار جو مالڪ پاڻ هو. جيڪو هن پوکيو ۽ لڻيو هو سو سندس ئي هو. ان فصل ۾ سموريون جهوپڙيون ڪڻڪ، جوَ، شراب ۽ تيل سان پرجي ويون.

خليل بہ دارين جي هر ڏک سک ۾ ساڻن پٽ هو، ان گڏ ڪرڻ، انگورن جو رس ڪڍي شراب

Scanned with CamScanner

ڏاهڻ ۽ سهوي چونڊڻ ۾ هنن جو ڀرپور ساٿ ڏيندو هو، هاڻي هن ڳوٺ ۾ ڪو به اهڙو ڪو نه هو جيڪو محبت ۽ گرمجوشيءَ کان سواءِ ڪنهن کان مٿاهون هجي، ان سمي کان وٺي اڄ تائين ڳوٺ جو هر هاري خوشيءَ سان ان ٻنيءَ جي پيداوار ڪٽي ٿو ۽ اطمينان سان ميوا چونڊي ٿو جن کي هن پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي پوکيو هوندو آهي. هاڻي زمين ان شخص جي مايا آهي جيڪو ان کي پوکي ٿو ۽ باغ ان شخص جو آهي جيڪو ان کي لڳائي ۽ سار سنڀال ڪري ٿو.

ان واقعي کي پنجاهه سالن کان به وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي. سڄا ڳي لبنان جي رهواسين جون اکيون کولي ڇڏيون، جڏهن به ڪو وانهڙو صنوبر جي وڻن تان ويندڙ رستي تان لنگهي ٿو ته ٻيهي ڳوٺ جي خوبين کي ڏيان سان ڏسڻ ٿو لڳي جيڪو ماڏريءَ جي ڪناري ڪنوار وانگر ٺهيل "جڙيل نظر اچي ٿو، انهن جون جهوپڙيون هاڻ خوبصورت گهرن ۾ بدلجي چڪيون آهن جن جي چئني طرفن کان سرسبز چراگاهه ۽ ڇهڄ ساوا وڻ آهن.

جڏهن ان ڳوٺ جي ڪنهن رهاڪوءَ کان شيخ عباس بابت پڇيو ٿو وڃي ته هو هڪ ڀڳل ٽٽل ۽ ڪريل ديوارن ڏانهن اشارو ڪري چوي ٿو: "هي شيخ عباس جو محل ۽ هيءَ ان جي زندگيءَ جي تاريخ آهي".

۽ ڏلا جي کي خليل بابت پڇي ٿو ته آسمان ڏانهن اشارو ڪري جواب ڏئي ٿو:
”اسان جو نيڪدل ۽ پاڪ پوتر خليل آتي رهي ٿو پر ان جي حياتيءَ جي تاريخ اسان جي وڏڙن سونهري اکرن ۾ اسان جي دلين تي لکي ڇڏي آهي- جنهن کي شام جا پاڇا ۽ ماٺ جون ڇڪريون به مٽائي نه ٿيون سگهن“-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اداري جا ايندڙ ڪتاب

٢-	چار گهڙيون چين ۾	احمد علي رند
٣-	مٽي هاڻا ماڻهو	فرانز فينن/عبدالواحد آريسر
٤-	شاهه سچل سامي (ودايل)	محمد ابراهيم جويو
٥-	ڏونگر منجهه ڏيو	سنڌيڪار: پرويز
٦-	قومي آزاديءَ جا انقلاب ۽ عورت	آزاد قاضي
٧-	انٽروڊيو-ٽيٽريرون ليڪچر	سوڀوگيانچنداڻي
٨-	سٿل ڀاڙي	سنڌيڪار: واي رام والپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ٻڪيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book